روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) ڇنڇر 17 ڊسمبر 2022ع بمطابق 22 جمادي الاول 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 204

مان بي وس هئس، باجوه فيصلو ڪندو هو ته ڪنهن کي ڇڏڻو ۽ ڪنهن کي اندر ڪرڻو آهي: عمران خان

پاڪستان ۾ جهنگ جو قانون آهي، مان پنهنجي حڪومت ۾ بي وس هئس، جنرل باجوه فيصلو ڪندو هئو ته نيب کي ڪنهن کي ڇڏڻو ۽ ڪنهن کي اندر ڪرڻو آهي

سمورا چور حڪومت ۾ اچي ويهي رهيا آهن، حڪومت ۾ ايندي ئي هنن پهريان پنهنجا ڪرپشن جا ڪيس ختم ڪيا، سمورن چورن جا واري واري سان ڪرپشن جا ڪيس ختم ٿي رهيا آهن

مون پنهنجي حڪومت ۾ پوري ڪوشش ڪئي هنن جا ڪيس ميچيور هئا نيب چوندو هئو ته هنن جا ڪيس ميچيور آهن پر پٽيان ڪان اسان کي اجازت نه آهي

جنرل باجوه اجازت نٿو ڏئي اهو فيصلو ڪندو هو ته نيب ذريعي ڪنهن کي ڪيترو دٻائڻو آهي، ڪڏهن ڇڏڻو آهي، ڪڏهن اندر ڪرڻو آهي: پي ٽي آءِ چيئرمين

شهباز شريف جو ڪيس ئي نه لڳندو هو مان وزيراعظم بي وس ويٺل هئس، شهباز شريف جي پٽ پنهنجن ملازمن جي نالي تي پئسا گهرايا ماڻهن جا ضمير خريد ڪري اسان جي حڪومت هٽائي وئي

لاهور (م د) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو آهي ته مان پنهنجي حڪومت ۾ بي وس هئس، جنرل باجوه فيصلو ڪندو هئو ته نيب کي ڪنهن کي ڇڏڻو ۽ ڪنهن کي اندر ڪرڻو آهي. عمران خان وڪيلن جي رول آف لا ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ جهنگ جو قانون آهي سمورا چور حڪومت ۾ اچي ويهي رهيا آهن. حڪومت ۾ ايندي ئي هنن پهريان پنهنجا ڪرپشن جا ڪيس ختم ڪيا، سمورن چورن جا واري واري سان ڪرپشن جا ڪيس ختم ٿي رهيا آهن. عمران خان چيو ته مون پنهنجي حڪومت ۾ پوري ڪوشش ڪئي هنن جا ڪيس ميچيور هئا نيب چوندو هئو ته هنن جا ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

دهشتگردي جي عفريت جي خاتمي تائين جدوجهد لوهي عزم سان جاري رهندي: وزيراعظم

16 ڊسمبر سڄي پاڪستان جي دهشتگردي خلاف متحد ٿيڻ جو ڏينهن آهي، هر سال 16 ڊسمبر سڄي قوم کي ان درد ۽ ڏک جي ياد ڏياريندو آهي

جڏهن دهشتگردن آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي ظلم ڪيو هو، شهباز شريف پنهنجي ٽوئيٽ ۾ لکيو ته سالن ڪانپوءِ به اهو غم آهي جيڪو وساريو ناهي

اڄ آرمي پبلڪ اسڪول جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ ۽ انهن جي خاندانن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن، پاڪستاني قوم شهيدن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نه سگهندي

16 ڊسمبر جو ڏينهن سڄي پاڪستان جي دهشتگردي خلاف هڪ آواز ٿيڻ جو ڏينهن آهي، هي ڏينهن سڄي دنيا لاءِ پيغام آهي ته پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن

هن عفريت جي مڪمل تباهي تائين ساڳئي لوهي عزم ۽ ثابت قدمي سان اهو ڏينهن جاري رهندو: وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف جو اجلاس کي خطاب

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته 16 ڊسمبر سڄي پاڪستان جي دهشتگردي خلاف متحد ٿيڻ جو ڏينهن آهي. سانحي اي پي ايس تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم شهباز شريف لکيو ته هر سال 16 ڊسمبر سڄي قوم کي ان درد ۽ ڏک جي ياد ڏياريندو آهي جڏهن دهشتگردن آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي ظلم ڪيو هو شهباز شريف پنهنجي ٽوئيٽ ۾ لکيو ته سالن ڪانپوءِ به اهو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

حڪومت مڪمل رليف ڏيڻ بدران ڊيزل تي ليوي جي شرح وڌائي ڇڏي

ڊيزل تي پيٽروليم ليوي جي قيمت ۾ 30 رپيا 30 پئسا واڌ ڪئي وئي آهي: پيٽروليم واري وزارت

آءِ ايم ايف جي شرطن موجب پيٽرول تي 5 رپيا 50 پئسا، گاسليٽ تي 13 رپيا 10 پئسا ليوي ڪئي وئي

اسلام آباد (م د) وفاقي حڪومت پيٽروليم شين تي مڪمل رليف ڏيڻ بدران ڊيزل تي ليوي جي شرح وڌائي ڇڏي. پيٽروليم واري وزارت جي ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

حيدرآباد يونيورسٽي لاءِ 100 ايڪڙ زمين الاٽ ڪئي وئي

ميمبر لينڊ يوٽيلائيزيشن الاٽمينٽ جا ڪاغذ گورنر سنڌ حوالي ڪيا

زمين ديهه گنجو ٽڪر تعلقو لطيف آباد ۾ حيدرآباد يونيورسٽي لاءِ الاٽ ڪئي وئي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت جي لينڊ يوٽيلائيزيشن کاتي لطيف آباد جي ديهه گنجو ٽڪر ۾ فيڊرل انسٽيٽيوٽ فار ٽيڪنالاجي اينڊ مئنيجمينٽ سائنسز حيدرآباد (حيدرآباد يونيورسٽي) لاءِ 100 ايڪڙ زمين مفت الاٽ ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نيويارڪ: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري نيويارڪ ۾ منعقد ٿيل اجلاس جي صدارت ڪندي

شباز شريف جو پي ٽي آءِ خلاف جارحاڻي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ حڪومتي بيان تي اجلاس ٿيو، اجلاس ۾ وفاقي وزيرن ۽ خاص مددگارن شرڪت ڪئي

وزيراعظم تحريڪ انصاف خلاف جارحاڻي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ ۽ سوشل ميڊيا تي به حڪومتي موقف کي اجاگر ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي

تحريڪ انصاف حڪومت جون خاميون اجاگر ڪيون وينديون، وزيراعظم چيو ته پي ٽي آءِ دور جي معاشي خامين کي به اجاگر ڪيو وڃي: فيصلو

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف تحريڪ انصاف خلاف جارحاڻي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ حڪومتي بيان تي اجلاس ٿيو، جنهن ۾ وفاقي وزيرن ۽ خاص مددگارن شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ حڪومتي ۽ سياسي حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو، وزيراعظم شهباز شريف تحريڪ انصاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

مان هاڻ ڪڏهن به سياست جو حصو نه بڻجندس: جنرل (ر) فيض حميد

ٻن سالن جي پابندي کان پوءِ مان سياست جو حصو نه بڻجندس ۽ نه ئي ان کان پوءِ ڪڏهن منهنجو سياست ۾ حصو وٺڻ جو ارادو آهي

گذريل ڏينهن هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي هئي جنهن ۾ فيض حميد پنهنجي اباڻي ڳوٺ چڪوال ۾ هڪ عوامي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي هئي

(ر) جنرل جي حوالي سان ماضي ۾ به سياست ۽ ميڊيا ۾ ڪافي بحث ٿيندو رهيو آهي ته هو آرمي چيف جي عهدي تي عمران خان جي پهرين چونڊ سمجهيو ويندو هو

راولپنڊي (م د) اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ ليفٽيننٽ جنرل (ر) فيض حميد چيو آهي ته مان هاڻ ڪڏهن به سياست جو حصو نه بڻجندس. خانگي چينل سان ڳالهيون ڪندي جنرل (ر) فيض حميد چيو ته سياست ۾ منهنجي شموليت جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ايلون مسڪ ٽيسلا جا 3.6 بلين ڊالر جا شيئر وڪرو ڪري ڇڏيا

نيويارڪ (م د) ايلون مسڪ پنهنجي تازي ڪار ناهيندڙ ڪمپني ٽيسلا ۾ 3.6 بلين ڊالر جا وڏيڪ شيئر وڪرو ڪيا آهن. پرڏيهي خبررو اداري موجب ايلون مسڪ هلندڙ سال هن وقت تائين ٽيسلا جا 23 ارب ڊالرن جا شيئر وڪرو ڪري چڪو آهي. ياد رهي ته ايلون مسڪ ٽسلا جا شيئرز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ هاءِ ڪورٽ هٿيارن جي زور تي دڪان تان ڦر ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سزا خلاف اپيل منظور ڪئي وئي

عدالت ماتحت عدالت جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي، جوابدار ذيشان ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گهربل ناهي ته ڪيس فوري طور آزاد ڪيو وڃي

جوابدارن خلاف ٺوس ثبوت پيش نه ڪري سگهيا، ذيشان خلاف جنوري 2015 ۾ بهادر آباد ۾ چائنا ڪمپيوٽر جي دڪان مالڪ نذير انور پاران ڪيس داخل ڪيو ويو هو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ هٿيارن جي زور تي دڪان تان ڦر ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سزا خلاف اپيل منظور ڪئي وئي، عدالت ماتحت عدالت جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو ته جوابدار ذيشان ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ گهربل ناهي ته ڪيس فوري طور آزاد ڪيو وڃي. عدالت پراسيڪيوشن جوابدارن خلاف ٺوس ثبوت پيش نه ڪري سگهيا. ذيشان خلاف جنوري 2015 ۾ بهادر آباد ۾ چائنا ڪمپيوٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

توشا خانا معاملي تي بشريٰ بي بي جي آڊيو ليڪ، آڊيو ۾ موجود همراهه جي تصديق

لاهور (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي ۽ ٻني ڳالا جي نگران انعام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پاڪ افغان سرحد تي فورسز وچ ۾ جنگبندي، چمن ۾ معمول جي زندگي بحال

چمن (م د) چمن ۾ پاڪ افغان سرحد تي سرحدي فورسز جي وچ ۾ جنگبندي تي اتفاق ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ هائوس اسلام آباد ۾ خرچن جا چرڪائيندڙ تفصيل سامهون اچي ويا

سنڌ هائوس اسلام آباد ۾ سرڪاري فنڊن جي استعمال ۾ بي ضابطگين جي نشاندهي ٿي آهي: ذريعا

وال فريم 9 لک رپين جو خريد ڪيو ويو ۽ سنڌ هائوس جي مرمت دوران گاڏين جي فيول جي مد ۾ هڪ ڪروڙ رپيا خرچ ڪيا ويا

سنڌ هائوس اسلام آباد ۾ وهاڻي ۽ ڪمبل جي خريداري تي لکين رپين جي خرچ سامهون آيا آهن

اسلام آباد (م د) سنڌ هائوس اسلام آباد ۾ سرڪاري فنڊن جي استعمال ۾ بي ضابطگين جي نشاندهي ٿي آهي ۽ ايئر فريشنر ۽ فيوميگيشن جي مد ۾ لکين رپين جا خرچ سامهون آيا آهن. آڊٽ رپورٽ موجب سنڌ هائوس اسلام آباد ۾ وال فريم 9 لک رپين جو خريد ڪيو ويو ۽ سنڌ هائوس جي مرمت دوران گاڏين جي فيول جي مد ۾ هڪ ڪروڙ رپيا خرچ ڪيا ويا. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

دسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن سکر پاران مهان ڪوي شيخ اياز جي ياد ۾ ميڙاڪو ڪرايو ويو

ميڙاڪي ۾ نامياري قانوندان نظام الدين بلوچ، سيد سردار شاهه، سندر خان چاچڙ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

شيخ اياز پنهنجي شاعري وسيلي سنڌ جو ڪيس وڙهيو، ايتري قدر جو انقلابي شاعري ذريعي نوجوانن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي

شيخ اياز 20 صدي جو وڏو شاعر آهي، جنهن جي شاعري صدين تائين سوڀاري رهندي: شفقت رحيم / قربان ملاڻو

سکر (رپورٽر) دسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن سکر پاران مهان ڪوي شيخ اياز جي ياد ۾ ميڙاڪو ڪرايو ويو، ميڙاڪي ۾ نامياري قانوندان نظام الدين بلوچ، سيد سردار شاهه، سندر خان چاچڙ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شيخ اياز پنهنجي شاعري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

قرض وٺڻ جو سولو طريقو ڪهڙو آهي؟ شيزا فاطما

وزيراعظم يوٿ لون اسڪيم تحت پهريون ڀيرو زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ هارين کي قرض ڏنا ويندا

زرعي شعبي سان لاڳاپيل نوجوان حڪومت کان قرض وٺي سگهن ٿا: وزيراعظم جي خاص مددگار

ڪراچي (رپورٽر) وزيراعظم جي خاص مددگار شيزا فاطمه چيو آهي ته وزيراعظم يوٿ لون اسڪيم تحت پهريون ڀيرو زرعي پيداوار وڌائڻ لاءِ هارين کي قرض ڏنا ويندا. وزيراعظم جي خاص مددگار شيزا فاطمه چيو ته زرعي شعبي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪراچي: وزيراعظم جي خاص مددگار شيزا فاطمه پريس ڪانفرنس ڪندي

غير قانوني طور رهندڙ افغانين کي قانون جي ضابطي ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي: ڪراچي پوليس چيف

بلال ناصر جي موت کانپوءِ ايس ايس پي ايسٽ جي ٽيم ڪم شروع ڪري ڇڏيو هو، سي سي ٽي وي فوٽيجز ۽ ٻين شاهدين جي مدد سان هڪ جوابدار نظام کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

جوابدار نظام الدين افغان شهري آهي، جيڪو جمالي ڳوٺ جو رهواسي آهي، ٻئي جوابدار جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي، ان کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو

ڏوهن ۾ واڌ جو سبب ملڪ ۾ وڌندڙ بيروزگاري ۽ غربت به آهي، جڏهن ته غير قانوني طور ڪراچي ۾ رهندڙ افغان شهرين کي قانون جي ضابطي ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس چيف جاويد عالم اوڊهو شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته مهرباني ڪري ڦورن سان مزاحمت نه ڪيو ڪراچي ۾ يونيورسٽي روڊ تي اين اي ڊي يونيورسٽي جي شاگرد بلال ناصر جي قتل جي واقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي: ڪراچي پوليس چيف جاويد عالم اوڊهو پريس ڪانفرنس ڪندي

اعظم سواتي جي ضمانت واري درخواست تي فيصلو هڪ ڀيرو ٻيهر ملتوي

اسلام آباد (م د) تڪراري ٽوئيٽ ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيٽر اعظم خان سواتي جي ضمانت واري درخواست تي فيصلو هڪ ڀيرو ٻيهر ملتوي ڪيو ويو آهي. تحريڪ انصاف اڳواڻ اعظم سواتي جي تڪراري ٽوئيٽ ڪيس ۾ گرفتاري ڪانپوءِ ضمانت واري درخواست تي اڄ به محفوظ فيصلو نه ٻڌايو ويو، نئين مقرر ٿيل جج اعظم خان اڄا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ميرپورخاص ۾ ياڻ بليڪ تي وڪرو ڪرڻ تي 8 گدام سيل، مدي خارج ٻورين هٿ

ميرپورخاص شهر ۾ ڊيلرن پاران زرعي ياڻ جي في ٻوري تي 1000 کان 1200 رپيا وڌيڪ اگهه وٺڻ جو ڊي سي زين العابدين ميمڻ نوٽيس ورتو

ڊي سي جي هدايتن تي ڇاپا هڻي گدام سيل ڪيا آهن، گدامن ۾ پيل ياڻ سرڪاري اگهه تي آبادگارن کي ڏنو ويندو: اسسٽنٽ ڪمشنر حسين کوسو

ذخيرو ڪندڙ ڊيلرن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو حسين بخش مري يونس رند پڻ هڪ گدام کي سيل ڪيو

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص شهر ۾ ياڻ بليڪ تي وڪرو ٿيڻ جو ڊي سي نوٽيس ورتو، اي سي ڇاپا هڻي 8 گدام سيل ڪري ڇڏيا. ان سلسلي ۾ ميرپورخاص شهر ۾ ڊيلرن پاران زرعي ياڻ جي في ٻوري تي 1000 کان 1200 رپيا وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

روس کان سستو تيل خريد نه پيا ڪريون، بلاول درست ٿو چوي: مصدق ملڪ

روس کان سستو تيل خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، روس کان سستو تيل وٺڻ جي ڪا به ڪوشش نه پيا ڪريون

پاڪستان جا روس سان سستي تيل جي خريداري جا معاملا طئي ٿي ويا آهن، اميد آهي ته سستو تيل ملي ويندو: پيٽروليم وارو وزير

روس کان سستو تيل خريد ڪرڻ بابت مونجهارا ختم ڪرڻ لاءِ سمورا تفصيل پرڏيهي وزارت کي فراهم ڪنداسين: وفاقي وزير

اسلام آباد (م د) پيٽروليم وارو مملڪتي وزير مصدق ملڪ پنهنجي پراڻي بيان تان هٽ ڪڍي ويو مصدق ملڪ چيو آهي ته روس کان هن وقت سستو تيل خريد نه پيا ڪريون، بلاول ڀٽو زرداري درست ٿو چوي ان کان اڳ مصدق ملڪ چيو هو ته روس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: پيٽروليم وارو مملڪتي وزير مصدق ملڪ پريس ڪانفرنس ڪندي

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو جو روس کان سستو تيل وٺڻ کان انڪار

اسلام آباد (م د) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري روس کان سستو تيل وٺڻ جي ترديد ڪري ڇڏي، آمريڪي ٽي وي کي ڏنل انٽرويو ۾ پرڏيهي وزير چيو ته هو روس کان رعايتي تيل وٺي رهيا آهن، ڪوشش نه ڪري رهيا آهن تيل بابت بلاول ڀٽو جي انڪشاف حڪومتي وزيرن جي بيانن ۾ واضح تضاد سامهون اچي ويو، ڪجهه ڏينهن اڳ روس جي دوري تان واپسي تي پيٽروليم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

شادي کان انڪار تي جوابدار آپي مان ٻاهر

نوجوان ناري جون ٻئي چنگهون تکي اوزار سان وڍي فرار

ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي: پوليس

گوجرانوالا (م د) گوجرانوالا ۾ وحشي جوابدار شادي کان انڪار ڪرڻ تي عورت جون ٻئي چنگهون ڪٽي ڇڏيون. پنجاب جي ضلعي گوجرانوالا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ واڌ جو تسلسل اڄ به برقرار رهيو

انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت 23 پئسا وڌي، آمريڪي ڪرنسي جي ڏي وٺ 224 رپين 94 پئسن تي بند ٿي

گذريل ڏينهن انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت 224 رپيا 71 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي هئي: ذريعا

ڪراچي (م د) انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ واڌ جو تسلسل اڄ به برقرار رهيو انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت 23 پئسا وڌي، جنهن ڪانپوءِ آمريڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

مذهب جي معاملن ۾ رياستي مشينري کي ماڻهن جي سامهون ليٽڻ نه گهرجي: جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

اسلامي نظرياتي ڪائونسل هڪ آئيني ادارو آهي، جڏهن آئيني اداري جي سفارشن تي عمل ناهي ڪرڻو ته ان کي بند ڪري ڇڏيو

ٽرائل ڪورٽ فرد جرم ۾ ته قلم هنيو ئي ناهي، جڏهن جوابدار کي خبر ئي ناهي ته هن جو ڏوهه ڪهڙو آهي ته پنهنجو ڪيس ڪيئن وڙهندو؟

ڪهڙي ڏوهه ۾ ڪهڙو قلم لڳندو آهي، آرٽيڪل 295 سي ناهي لڳندو، جڏهن هڪ آئيني اداري جي راءِ تي عمل ناهي ڪرڻو ته ان کي بند ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ جي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي ته اسلامي نظرياتي ڪائونسل هڪ آئيني ادارو آهي، جڏهن آئيني اداري جي سفارشن تي عمل ناهي ڪرڻو ته ان کي بند ڪري ڇڏيو. توهين مذهب جي مبينا جوابدار زاهد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

شهدادپور ۾ نوجوان زخمي حالت ۾ مليو، اسپتال ۾ فوت، قتل جو شڪ

شهدادپور پرسان ٻرهوڻ روڊ تان ڳوٺ سلطان ڀاٽو جو رهواسي نوجوان 22 ورهين جي معظم علي ولد محمد بچل ڀاٽو جو زخمي بيهوشي جي حالت ۾ مليو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي کي ڪٽائي سمس اسپتال آندو، جتان ڪيس طبي امداد ڏئي گهربل سهولت نه هجڻ ڪري حيدرآباد منتقل ڪيو ويو

جتي زخمي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو، اطلاع تي سنلس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو، زخمي نوجوان موٽرسائيڪل تان ڪري پيو: زخمي

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور پرسان ٻرهوڻ روڊ تان ڳوٺ سلطان ڀاٽو جو رهواسي نوجوان 22 ورهين جي معظم علي ولد محمد بچل ڀاٽو جو زخمي بيهوشي جي حالت ۾ مليو، اطلاع تي پوليس پهچي زخمي کي ڪٽائي سمس اسپتال آندو. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

فرانس: رهائشي عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب ٻارن سميت 10 ماڻهو فوت

4 ماڻهن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي ۽ ٻين 10 کي معمولي زخم آيا آهن جن ۾ ٻه فائر فائٽرز به شامل آهن

باهه تي قابو آندو ويو، باهه لڳڻ سبب اڃا تائين معلوم ناهي ٿي سگهي، تفصيلي جاچ شروع ڪئي ويندي

مرندڙ ٻارن جي عمر 3 کان 15 سال هئي، هنن فائر فائيٽرز جي ڪم جي تعريف ڪئي جن ماڻهن کي مرڻ کان بچايو

پيرس (م د) فرانس کي شهر ليون ۾ رهائشي عمارت ۾ باهه لڳڻ سان 5 ٻارن سميت 10 ماڻهو فوت ٿيو ۽ مختلف سڙي زخمي ٿي ويا. 4 ماڻهن جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي ۽ ٻين 10 کي معمولي زخم آيا آهن جن ۾ ٻه فائر فائٽرز به شامل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: پي ٽي آءِ اڳواڻ مسرت جمشيد چيمه ۽ جمشيد اقبال چيمه پريس ڪانفرنس ڪندي

آمريڪي سهڪار سان سنڌ ۾ معياري طبي سهولتون ڏيڻ لاءِ نئين پروگرام جو افتتاح

ڪراچي (م د) عالمي ترقي بابت آمريڪي ايجنسي (USAID) جي مشن ڊائريڪٽر ريڊ ايشليمن ۽ سنڌ جي صحت جي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو گڏجي نئين صحت پروگرام جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي. هن پروگرام تحت نئين خانداني رٿابندي، ماءُ ۽ تازو ڄاول ٻارن کي صحت جي سار سنڀال توڙي علاج جون معياري خدمتون فراهم ڪيون وينديون. "صحتمند خاندان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

حيدرآباد يونيورسٽي لاءِ 100 ايڪڙ زمين مفت الاٽ ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

مني لانڊرنگ ڪيس: سليمان شهباز ايف آءِ اي آڏو پيش

سليمان شهباز کي ايف آءِ اي مني لانڊرنگ ڪيس بابت سوال پيپر ڏنو

سليمان شهباز مني لانڊرنگ ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان حفاظتي ضمانت تي آهي

لاهور (م د) وزيراعظم جو پٽ سليمان شهباز مني لانڊرنگ ڪيس ۾ ايف آءِ اي آڏو پيش ٿيو ذريعن موجب سليمان شهباز کي ايف آءِ اي مني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اباوڙو: شگر مل مان نوجوان جو لاش هٿ اچڻ بعد ڌرڻو

پوليس قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪا به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: وارث

وارثن ۽ مظاهرين پاران مل انتظاميه کي به جاچ ۾ شامل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

اوباوڙو (رپورٽر) اباوڙو جي شگر مل مان نوجوان ملازم جو لاش هٿ اچڻ بعد قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ شهر ۾ ڌرڻو هنيو ويو آهي نوجوان جي وارثن، شهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ علامه نور احمد قاسمي، بابو فاروقي، عيدن جاگيراڻي، عبدالباري انصاري، محمد رضوان قادري، شاهه محمد انيهڙ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

آرمي اسڪول ۾ سفاڪ دهشتگرد عناصرن تعليم جي دوران حملو ڪري مستقبل جي معمارن کي اونداهو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش: محمد جاويد ميمڻ

جهڙي طرح معصوم ٻارن پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري دهشتگردن جو مقابلو ڪيو ان تي پوري قوم سلام پيش ڪري ٿي

سکر (رپورٽر) آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جي لاءِ سکر جي مختلف سماجي مذهبي واپاري تنظيمن اسٽيپ فائونڊيشن سميت آءِ بي اي يونيورسٽي سکر جي شاگردن سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر، ايس ڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سکر: پي ايس جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ ايس ڊي اي طرفان حاجي محمد جاويد ميمڻ جي قيادت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

سون جو مُلهه ملڪي تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جي قيمت تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي وئي، آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب 500 رپيا واڌ ڪانپوءِ ملڪ ۾ ٽي تولي سون جي قيمت هڪ لک 71 هزار 900 رپيا ٿي وئي آهي اهڙي ريت 10 گرام سون 428 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 47 هزار 376 رپين جو ٿي ويو آهي. جڏهن ته عالمي مارڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪنڊيارو ۾ شهداءِ آرمي پبلڪ اسڪول ڏهاڙو، ڊگري ڪاليج ۽ خانگي اسڪول ۾ تقريبون

گورنمينٽ غلام رباني آگرو ڊگري ڪاليج ۾ پرنسپال عبدالستار ابڙو پاران تقريب منعقد ڪئي وئي

مبشر اسڪول آف ۾ آرمي پبلڪ اسڪول جي معصوم شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي

اهڙن واقعن کان ڊڄڻ وارا ناهن ۽ پنهنجي تعليم حاصل ڪري ملڪ جي ترقي ۾ ڪردار ادا ڪندا: شاگردن جون ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڪنڊيارو خانگي اسڪول ۾ آرمي پبلڪ اسڪول جي شهيدن جي ياد ۾ ڏهاڙو ملهايو ويو تصويرن آڏو ڏيئا ٻاري پيتا پيش خبر موجب ڪنڊيارو جي خانگي مبشر اسڪول آف ايڪسيلينس ۾ شهداءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ہم نہیں بھولیں گے
DECEMBER 16, 2014
REMEMBERING MARTYRS OF

نوشهروفيروز: آرمي پبلڪ اسڪول جي شهيدن کي پيتا پيش ڪئي پئي وڃي

بنگالي ايڪشن ڪميٽي جو باني
شيخ محمد فيروز اليڪشن سيل
آفيس پهتو

ملير (رپورٽر) پاڪستاني بنگالي ايڪشن ڪميٽي جو باني ۽ چيئرمين، پيپلز پارٽي سنڌ ڪائونسل جو ميمبر شيخ محمد فيروز يوسي 11 علي اڪبر شاهه اليڪشن سيل آفيس واٽر پمپ پهتو. جتي ڪيس ترقياتي ڪمن ۽ پارٽي جي سياسي سرگرمين جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي. شيخ محمد فيروز يوسي 11 علي اڪبر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: مڙس هٿان زخمي ڪيل زال انيلا ڪلهوڙو اسپتال داخل آهي

پرياسٽي ڪلهوڙا ڪالوني واسي نوجوان چرين جا وار ڪري زال کي مرٽينگ ڪري وڌو

ڪلهوڙا ڪالوني واسي انيلان ڪلهوڙو کي پنهنجي مڙس عامر ڪلهوڙو زخمي ڪري ڇڏيو

رڙين تي پاڙي وارن مسمات انيلان جي جان بچائي ورتي، ڳڻتي جوڳي حالت ۾ پريا اسپتال داخل

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پرياسٽي ڪلهوڙا ڪالوني واسي نوجوان چرين جا وار تشدد جو نشانو بڻائي زال کي مرٽينگ ڪري وڌو پريارو ڪلهوڙا ڪالوني واسي انيلان ڪلهوڙو کي پنهنجي مڙس عامر ڪلهوڙو گهرو انبيٺت تشدد جو نشانو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

هاءِ ويز ورڪرز يونين جي سڏ تي هاءِ ويز ورڪس اينڊ سروسز ڪاتي پاران احتجاجي مظاهرو

سروسز ڪاتي سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ملازمن ڳڙهي خدابخش پٽو ۾ احتجاج ڪيو ويو

مير احمد چانڊيو، سرائي اختيار لاهوري، رفيق احمد سانگي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي وئي

هاءِ ويز ملازمن جون پوسٽون اپگريڊ ڪيون وڃن. هاءِ ويز ملازمن کي يوٽيلٽي الائونس ڏنو وڃي: مظاهرين

نئون ديرو (رپورٽ: شاد محمود پٽو) هاءِ ويز ورڪرز يونين جي سڏ تي هاءِ ويز ورڪس اينڊ سروسز ڪاتي سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ملازمن ڳڙهي خدابخش پٽو پهچي شهيدن جي مزارن ٻاهران مطالبن جي حق ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جنهن جي اڳواڻي صوبائي صدر اسد الله جروار، ديدار جلباڻي، مير احمد چانڊيو، سرائي اختيار لاهوري، رفيق احمد سانگي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نئون ديرو: هاءِ ويز ورڪرز يونين جي سڏ تي هاءِ ويز ورڪس اينڊ سروسز ڪاتي پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مليرجي يونين ڪونسل پيري جي
ڳوٺ جي رهواسين روڊ جي سهولت
ملڻ تي ساراهه

ملير (ڊ ر) پي ايس 87 جي ايم پي اي محمد ساجد جوکيو صاحب جي ڪاوش ۽ ڪوشش سان KDA جي زير نگراني ۾ بن قاسم ٽائون جي يونين ڪونسل پيري جو مين D1 روڊ نصيرآباد قبرستان کان سنڌي ڳوٺ پراڻي پيٽرول پمپ ٽائين معياري ۽ بهترين طريقي سان ناهيو ويو پيري جي رهواسين روڊ جي سهولت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

پريارو ريلوي ڦاٽڪ پرسان ٽيڪٽر ٽرالي هيٺيان اچي 2 نينگر زخمي، هڪ فوت

ريلوي ڦاٽڪ پرسان تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي جي هيٺيان اچي هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو

12 سالہ معمر پٽ خان محمد موچي ۽ فرقان پٽ محمد رمضان موچي گهر وڃي رهيا آهن

پريارو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پريارو ريلوي ڦاٽڪ پرسان ٽيڪٽر ٽرالي هيٺيان اچي 2 معصوم نينگر ٽريڪٽر هيٺيان اچي ويا جنهن ۾ هڪ ڄڻو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ٻئي کي ڄڻو ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال داخل ڪيو ويو پوليس ٽريڪٽر ٽرالي کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو تفصيل موجب پريارو ريلوي ڦاٽڪ پرسان تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي جي هيٺيان اچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بلڙي شاهه ڪريم لڳ جاڙاهواهه اسٽاپ تي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

تلسي ٻجاڻي دارشي ٻجاڻي گل مڱڻهار رستم مڱڻهار حاڪم مڱڻهار پاران ريلي

ڌمڪيون ڏيڻ خلاف روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي

بااثر ڌمڪيون ڏنيون آهن اسان اهڙي اطلاع اسان جي زميندار کي پڻ ڏيندا پيا اچون: الزام

بلڙي شاهه ڪريم (رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم لڳ جاڙاهواهه اسٽاپ تي تلسي ٻجاڻي دارشي ٻجاڻي گل مڱڻهار رستم مڱڻهار حاڪم مڱڻهار جماري برادري ۽ ملاح برادري جي عورتن مردن ۽ ٻارڙن سميت سوين ماڻهن جو بااثر جي جرڳ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بلڙي شاهه ڪريم: رهواسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽڏيجي ۾ پ پ پ اڳواڻ
هالار خان وسان جي جنم
ڏينهن تي تقريب

ڪوٽڏيجي (رپورٽر) پيپلز پارٽي ڪوٽڏيجي جي جاڪوڙي ورڪر محبتي انسان پنهنجي اڳواڻن جي هر حڪم کي لبيڪ ڪرڻ وارو آصف علي راجپوت پاران صوبائي صلاحڪار براءِ منظور حسين وسان صوبائي اڳواڻ بئريسٽر هالار خان وسان جي جنم ڏينهن جي خوشي ۾ اڄ آصف ڪميونيڪيشن ڪوٽڏيجي تي سالگره جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سرحد پرسان درگاه ڏاڏا جمن شاه جي سجاده نشين پاران شهيدن جي ياد ۾ تقريب

تصويرن آڏو ڏيئا ٻاري پيتا پيش ۽ پڻ ريلي ڪڍي پاڪ فوج زنده آباد جا نعره هنيا ويا

آرمي پبلڪ اسڪول جي معصوم شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي

16 ڊسمبر 2014 تي آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي حملي وارو واقعو ڏکوئيندڙ هيو: اڳواڻ

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد پرسان درگاه ڏاڏا جمن شاه جي سجاده نشين سيد عابد علي شاه بخاري پاران اسڪول ۾ آرمي پبلڪ اسڪول جي شهيدن جي ياد ۾ ڏهاڙو ملهايو ويو تصويرن آڏو ڏيئا ٻاري پيتا پيش ۽ پڻ ريلي ڪڍي پاڪ فوج زنده آباد جا نعره هنيا خبر موجب درگاه سيد ڏاڏا جمن شاه بخاري جي سجاده نشين سيد عابد علي شاه بخاري پاران شهداءِ آرمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سڪرنڊ جي ڳوٺ مقيم پاهيءَ جي پرائمري اسڪول کي سهولتون نه مليون

نتهڻ اُس ۾ تتل فرش ۽ گرميءَ سبب بي حاليءَ ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن

اسان کي ٿوري دير لاءِ پنهنجا ٻچا سمجهي هڪ ڀيرو اسڪول ۾ پڙهندي ڏسي وڃو: رهواسي

ويهڻ جي جاءِ ناهي ڪمرا ۽ ورانڊا پريل هئڻ سبب ٻارڙا ٻاهر اڱرتي نتهڻ اُس ۾ پڙهڻ تي مجبور آهن

سڪرنڊ (رپورٽر) سڪرنڊ جي ڳوٺ مقيم پاهيءَ جي پرائمري اسڪول ۾ ڪمرا ۽ فرنيچر نه هئڻ سبب نيائيون ۽ ٻارڙا سياري جي موسم ۾ ٿڌي فرش ۽ کليل آسمان هيٺ سرد هوائن ۾ ۽ اونهاري جي موسم ۾ نتهڻ اُس ۾ تتل فرش ۽ گرميءَ سبب بي حاليءَ ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن ڪو پڇڻ وارو ناهي مجبور ٿي هنن ننڍڙن ٻارڙن سپ گس بند ڏسي ٽيٽ اسڪول اندر احتجاج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سڪرنڊ: ڳوٺ مقيم پاهيءَ جي پرائمري اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند خلاف شاگرد احتجاج ڪندي

سرحد پرسان درگاه ڏاڏا جمن شاه
جي سجاده نشين عابد علي شاه
بخاري پاران پيتا

سرحد (رپورٽر) سرحد پرسان درگاه ڏاڏا جمن شاه جي سجاده نشين سيد عابد علي شاه بخاري پاران اسڪول ۾ آرمي پبلڪ اسڪول جي شهيدن جي ياد ۾ ڏهاڙو ملهايو ويو تصويرن آڏو ڏيئا ٻاري پيتا پيش ۽ پڻ ريلي ڪڍي پاڪ فوج زنده آباد جا نعره هنيا خبر موجب درگاه سيد ڏاڏا جمن شاه بخاري جي سجاده نشين سيد عابد علي شاه بخاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڏهرڪي جو قديمي قبرستان محمد پناهه چارديواري نه هئڻ سبب تباهي جي ور چڙهي ويو

پاڻي قبرستان اندر داخل ٿيڻ سبب ڪيترين ئي قبرون گندي نالين جي پاڻي هيٺ اچي ويون

سڄي شهر جو گندو پاڻي داخل ٿيڻ سبب ڪيترين ئي قبرون گندي پاڻي هيٺ اچي ويون

سماجي اڳواڻن پاران محمد پناهه قبرستان کي بچائڻ لاءِ بااعلي آفيسرن کان مطالبو ڪيو آهي

ڏهرڪي (رپورٽ لالچند موتواڻي) ڏهرڪي جي قديمي قبرستان محمد پناه جي چارديواري نه هئڻ نالين کي پڪو نه ڪرڻ ۽ قبرستان جي صفائي نه هئڻ ڪري سڄو قبرستان تباهي جي ور چڙهي ويو گندي نالين جو پاڻي قبرستان اندر داخل ٿيڻ سبب ڪيترين ئي قبرون گندي نالين جي پاڻي هيٺ اچي ويون جو نديل نمائندا توڙي سرڪاري عملو غائب ڪافي عرصي کان محمد پناه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

گسٽا تعلقي ڪلوئي جو صدر نعمت الله نهڙيو ۽ ٻيا عهديدار چونڊيا ويا

استادن جي گڏجاڻيءَ تي گڏري، متفق راءِ سان الفتح پينل جا عهديدار چونڊيا ويا

سينئر وائيس صدر نيڪ محمد نهڙيو، سينئر وائيس صدر ميل عبداللطيف چانڊيو چونڊيا ويا

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽ: ممتاز جوڻيجو) گسٽا تعلقي ڪلوئي جو صدر نعمت نهڙيو ۽ جنرل سيڪريٽري محب نهڙيو چونڊجي ويا. خبر موجب گسٽا تعلقي ڪلوئي جي استادن جي گڏجاڻيءَ تي گڏري گڏجاڻي ۾ متفق راءِ سان الفتح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

فوڊ سينٽر تي نيب مئجسٽريٽ جو جو چاپو، ڪروڙين روپين جي ڪڻڪ خراب ملي

لکين رپين جي ڪرپشن واري خبر ميڊيا تي هلڻ ۽ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي هئي

ڪرپشن جا ثبوت هٽ ڪري واپس موٽي وئي. برسات سبب ڪڻڪ خراب ٿي وئي آهي

سلطانپور (رپورٽر) فوڊ سينٽر تي نيب مئجسٽريٽ جو جو چاپو سلطانپور ۾ گذريل ڪڻڪ جي سيزن ۾ قائم سرڪاري فوڊ سينٽر تي نيب جو سول جج جو چاپو گذريل برسات سبب فوڊ سينٽر تي ڪروڙين روپين جي ڪڻڪ خراب ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سلطانپور: نيب مئجسٽريٽ طرفان فوڊ سينٽر تي رڪارڊ جو جائزو ورتو پيو وڃي

آنڊل سنڌراڻي پوليس 4 ڪلو چرس سميت پنجاب واسي کي گرفتار ڪري ورتو

پوليس خفيه اطلاع تي وسطي قطب الدين شاهه وٽ ڪاروائي ڪري گرفتاري ڪئي

پوليس ملتان واسي شاڪر شيخ کي 4 چار ڪلو چرس سميت گرفتار ڪري لاڪپ ڪيو

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) سرحد پرسان آنڊل سنڌراڻي پوليس چار ڪلو چرس سميت پنجاب واسي کي گرفتار ڪري ورتو منشيات ايڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شڪارپور پوليس پاران ڌاڙيلن جو گهيرو تنگ، 5 لک انعام يافته ڌاڙيل گرفتار

پوليس طرفان ڌاڙهن ۽ ڌاڙيلن خلاف تيزي سان گهيرو تنگ ٿيڻ وارو سلسلو بدستور جاري

چتو منگي جي رهواسي ڌاڙيل عمران پٽ محبوب عرف ڪانڊيرو ڏاهاڻي کي پوليس گرفتار ڪيو

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور پوليس پاران ڌاڙيلن جو گهيرو تنگ 5 لک انعام يافته ۽ ڌاڙهن ڪيسن ۾ گهربل جوابدار عمران ڏاهاڻي گرفتار ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي پاران ڏنل سخت هدايتن جي نتيجي ۾ شڪارپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

مليرجي سماجي تنظيم ڪراچي رورل نيٽ ورڪ ۾ مراد مهراڻ هوٽل ۾ پروگرام

ٽيئر فنڊ انٽرنيشنل جي طرفان ڪارڪردگي جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي

16 ڊسمبر پشاور واري سانحي جي شهيدن کي اڳواڻن پاران پيتا پيش ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ملير جي سماجي تنظيم ڪراچي رورل نيٽ ورڪ ۽ سماجي تنظيم ٽيئر فنڊ انٽرنيشنل پاران مراد مهراڻ هوٽل ۾ پروگرام ٿيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

"Sharing the ...rning With S...rs"
HOTEL MEHRAN

ڪراچي: سماجي تنظيم رورل نيٽ ورڪ طرفان پروگرام کي اڳواڻ خطاب ڪندي

لاڙڪاڻي جي ڊي سي جي هدايتن تي بينظير ڀٽو جي ورسي تقريب بابت صفائي جاري

لاڙڪاڻي شهر مختلف علائقن ۾ صفائي سترائي واري ڪم کي تيز ڪيو ويو آهي: ڊي سي

صداقت حسين جوڻيجو، صابر عباسي، عبدالوهاب چڇو، ضياءُ الدين پٽو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر طارق منظور چانڊيو جي هدايتن تي ميونسپل ڪمشنر سيد امداد علي شاه طرفان 27 ڊسمبر شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي تقريب جي حوالي سان لاڙڪاڻي شهر مختلف علائقن ۾ صفائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

پرياسٽي مبينا قتل ڪيس جو مک جوابدار پرياسٽي پوليس هٿان گرفتار

ملوث مک جوابدار ريحان پٽ فاروق ميمڻ کي پرياسٽي پوليس گرفتار ڪري ورتو

زاهد تنيو غلط لاڳاپا رکڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي ڪيس قتل ڪيو هو: ريحان پٽ فاروق

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) پرياسٽي مبينا قتل ڪيس جو مک جوابدار پرياسٽي پوليس هٿان گرفتار 26 ڏينهن اڳ پيٽرول پمپ جو تتل تيل ملازم مقتول زاهد تنيو جي قتل ۾ ملوث مک جوابدار ريحان پٽ فاروق ميمڻ کي پرياسٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز: پوليس اهلڪار پريس ڪانفرنس ڪندي، ٻئي طرف گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظر ايندي

هاءِ اسڪول ون ميهڙ، هاءِ اسڪول ٽو ميهڙ جي سوين شاگردن پاران احتجاجي مظاهرو

فيس ختم ڪرڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري سنڌ پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪيو

اسان جا والدين غريب آهن برسات، ٻوڏ سبب اسان جا فصل گهر ڊهي پٽ پئجي ويا آهن: مظاهرين

ميهڙ (رپورٽر) هاءِ اسڪول ون ميهڙ ، هاءِ اسڪول ٽو ميهڙ جي سوين شاگردن لاڙڪاڻو بورڊ پاران مترر ڪيل ڳري فارم فيس ختم ڪرڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري سنڌ پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪيو. جڏهن ته شاگردن ۾ زبير جانوري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

آرمي پبلڪ اسڪول جي شهيدن کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ سماجي اڳواڻن پاران ريلي

ٽائون ڪاميٽي روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي، ساجاهه وندن جي شرڪت

آرگنائيزيشن جي چيئرمين عبدالجبار، استاد بشير احمد لنڊ، پريس ڪلب صدر حسين پاران ريلي

سينارجا (رپورٽر) آرمي پبلڪ اسڪول جي شهيدن کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ PZBO پاران ٽائون ڪاميٽي روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سياسي، سماجي ۽ صحافين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

اي سي سجاول جي اڳواڻي ۾ پشاور آرمي پبلڪ اسڪول سانحي جي شهيدن کي پيتا پيش

پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول سانحي جي شهيدن کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي

جبران جهنيال، علي شير جهنيال، لياقت سومرو ۽ ٻين ڊي آفيس کان جاتي روڊ تائين ريلي ڪڍي

سجاول (رپورٽ: ممتاز علي نهڙيو) اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول جي اڳواڻي ۾ پشاور آرمي پبلڪ اسڪول سانحي جي شهيدن کي پيتا پيش ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي وئي. سجاول ۾ 16 ڊسمبر تي پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول سانحي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سجاول: آرمي پبلڪ اسڪول جي شهيدن کي پيتا پيش ڪئي پئي وڃي

موري ۾ علاج دوران فوت ٿيل معصوم نينگري جو ڪيس داخل نه ٿيو، احتجاج

نينگري ماهنور ڌيءَ افشد علي سولنگي جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

جسقم آريسر، جسقم رياض چانڊيو گروپ، سولنگي برادريءَ پاران مورو پريس ڪلب اڳيان مظاهرو

تعلقہ اسپتال جي ڊاڪٽرن ۽ عملي مٿان ڪيس داخل ڪري وارثن سان انصاف ڪيو وڃي: افشند سولنگي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو اسپتال ۾ ڪجهه ڏينهن پهريان علاج دوران فوت ٿيندڙ معصوم نينگري ماهنور ڌيءَ افشد علي سولنگي جي خون سان انصاف نه ٿيڻ ۽ ملوث ٿي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ وارثن ۽ سياسي سماجي تنظيمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز: علاج دوران فوت ٿيل معصوم نينگري جي انصاف لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد پشاور
سانحي ۾ شهيد ٿيندڙ اي پي
ايس جي شاگردن جو احتجاج

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد پشاور سانحي ۾ شهيد ٿيندڙ آرمي پبلڪ اسڪول جي معصوم ٻارن کي پيتا پيش ڪرڻ ۽ سندس پوين سان اظهار ڪجهتي جي حوالي سان زندگي فاونڊيشن جي تعلقي انچارج قاري نثار احمد آرايين جي سربراهي ۾ لاهوتي چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو پرسان انڊس هاءِ وي مخدوم بلاول ٽاڻي جي حد ۾ حادثو، 8 مزدور ڪري زخمي

اطلاع تي مخدوم پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي سول اسپتال دادو منتقل ڪيو

خالد پٽ بشير خشڪ، اختيار پٽ بخشل خشڪ، حميد پٽ امام بخش خشڪ ۽ ٻيا زخمي ٿيا

دادو (ن سنڌيار) دادو پرسان انڊس هائي وي مخدوم بلاول ٽاڻي جي حد ۾ تيز رفتار ٽريڪٽر ٽرالي تان 8 مزدور ڪري زخمي ٿي پيا اطلاع تي مخدوم پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي سول اسپتال دادو منتقل ڪيو زخمين ۾ ببلو پٽ حسن خشڪ، صدام پٽ خير محمد خشڪ، خالد پٽ بشير خشڪ، اختيار پٽ بخشل خشڪ، حميد پٽ امام بخش خشڪ، گلابي پٽ اسماعيل چانڊيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي چار لاسي ڳوٺ سميت ٻين وسندين ۾ گئس جو پريشر گهٽ

انڊسٽريل ايريا جي ڪارخانن جي مالڪن وڏي رشوت عيوض فل پريشر سان گئس ڏني پئي وڃي

جمع بازار پرسان هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي بعد نماز جمع گئس ڪمپني جي خلاف مظاهرو

مبارڪ برفت، نعمان جدون، مصفياج الدين، ممتاز تنيو، شاهد الله، نبي بخش برفت ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سهراب ڳوٺ ٽائون جي يوسي چار لاسي ڳوٺ سميت ٻين وسندين ۾ گذريل 8 مهينن کان مسلسل گئس جو پريشر گهٽ ڪري انڊسٽريل ايريا جي ڪارخانن جي مالڪن وڏي رشوت عيوض فل پريشر سان گئس مهيا ڪرڻ ۽ آبادين ۾ رهندڙ سوين وسندين کي لوڊشيڊنگ جو بهانو بنائي گئس جو پريشر گهٽ ڪرڻ جماعت اسلامي پاران لاسي ڳوٺ جي جمع بازار پرسان هٿن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

لوگوں کو جینے دو!
جماعت اسلامی یوسی 04،03 سہراب گوٹھ

ڪراچي: سهراب ڳوٺ سميت ٻين ڳوٺن ۾ گئس جي سهولت نه هجڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪوٽ غلام محمد گورنمينٽ گرلز
هائي اسڪول ۾ سائينس
ايگزيبيشن فيسٽيول

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد گورنمينٽ گرلز هائي اسڪول ۾ هفتيوار سائنس ايگزيبيشن فيسٽيول جي تقريب ٿي جنهن ۾ مهمان خاص طور ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ميرپورخاص دلدار حسين جلباڻي، ٽي اي او ميل پرائمري عبدالله سمون شرڪت ڪئي .ٻارڙن کي بهترين ڪارڪردگي ڏيکارڻ ۽ مختلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

خزاني واري آفيس جو ڪرپٽ ۽ راشي آڊيٽر هٽايو ملازم بچايو: نوشهروفيروز ۾ احتجاج

ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ڪرپشن ۽ رشوت خوري جو هڪ وڏو اسڪينڊل سامهون اچي ويو

ڊفرنس جو بل ڪرائڻ لاءِ لکين روپيه رشوت وٺي 238 ليڊي هيلٿ ورڪرس جو بل ڪري ورتو

ايف آءِ اي، نيب ۽ اينٽي ڪرپشن سميت اڪائونٽنٽ جنرل کان ڪري ڪيس هٽائڻ جي گهر ڪئي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) خزاني واري آفيس جو ڪرپٽ ۽ راشي آڊيٽر انيس احمد سيهڙ هٽايو ملازم بچايو ، نوشهروفيروز ۾ موٽروي ميگا ڪرپشن کان پوءِ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ڪرپشن ۽ رشوت خوري جو هڪ وڏو اسڪينڊل سامهون اچي ويو هيلٿ کاتي جي ٽيبل سنڀاليندڙ ڪرپٽ آڊيٽر انيس احمد سيهڙ ليڊي هيلٿ ورڪرس سميت نيشنل پروگرام جي ٻين ملازمن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سجاول ۾ ترقياتي منصوبن کي معيار سان گڏ مقرر وقت تي مڪمل ڪيو وڃي: اياز علي شاهه

ضلعي ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن ۽ ٻين مختلف معاملن جو جائزو وٺڻ بابت اجلاس ٿي گذريو

ڪريم بخش زنئور، اسسٽنٽ ڪمشنر فهد مير، ايڪسين پبلڪ هيلٿ، هاءِ وي عملدار شريڪ

ڏڙو سميت سمورن شهرن ۾ صفائي سترائي ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن کي معيار سان گڏ مقرر وقت تي مڪمل ڪيو وڃي. صفائي سترائي ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ايم اين اي سيد اياز علي شاه شيرازي تنصيلن موجب پاڪستان پيپلز پارٽي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سجاول: پ پ اڳواڻ سيد اياز علي شاهه شيرازي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪولاب جيئل ۾ امتياز علي
ابڙو جي ياد ۾ سالياني
پريميئر ليگ شروع

گمبٽ (رپورٽر) ڪولاب جيئل ۾ امتياز علي ابڙو جي ياد ۾ ساليانو ڪولاب جيئل پريميئر ليگ سيزن چار شروع ٿي وئي. ٽورنامينٽ جو افتتاح پ پ اڳواڻ زنوار محرم علي ابڙو ، سيد عدنان علي شاهه ، يو سي چيئرمين ڪولاب جيئل اظهر علي ابڙو، ڪامريڊ بادل ڳاهو ، زنوار شمشاد علي ابڙو، مير صوبدار سعيد ۽ ٻين ڪيو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

شاهه لطيف ٽائون ۾ اسٽيٽ بروڪرن مان قبضا مافيا جنم وٺڻ لڳا، اختياريون خاموش

پوليس اهلڪار جهانگير، نوبت خان، واجد بلوچ قبضو ڪري اڏاوتي شروع ڪري ڇڏي

پوليس ۽ لينڊ گريبرن جي سرپرستي حاصل آهي جنهن سبب پلاٽن جا اصل دربدر آهن

اهلڪار سميت ڄاڻايل ماڻهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) شاهه لطيف ٽائون ۾ اسٽيٽ بروڪرن مان قبضا مافيا جنم وٺڻ لڳا 4 سال اڳ پلاٽ خريد ڪري ڊي پي سي لڳرائي جنهن تي پوليس اهلڪار جهانگير، نوبت خان، واجد بلوچ قبضو ڪري اڏاوتي شروع ڪري ڇڏي آهي قبضاگير ٽولي کي شاهه لطيف پوليس ۽ لينڊ گريبرن جي سرپرستي حاصل آهي جنهن سبب پلاٽن جا اصل دربدر آهن ۽ جعليساز ٽولا ٻين جا پلاٽ وڪرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيٽرياٽڪ موومينٽ زنده آباد آرگنائيزيشن پاران شاگردن کي پيتا

شاگردن، ٽيچرس ۽ ٻين جي ياد ۾ پريس ڪلب اڳيان شهيدن جي تصويرن آڏو ڏيئا ٻاري پيتا ڏنا

پي پي ايم زيڊ جي چيئرمين لياقت ابڙو، سينئر نائب صدر يونس ابڙو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهيون ڪيون

خان بليدي، عبدالستار جتوئي، فيروز رياض، ذيشان ڪوڪر سميت ڪيترائي معصوم ٻارڙا پڻ موجود هئا

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيٽرياٽڪ موومينٽ زنده آباد آرگنائيزيشن طرفان آرمي پبلڪ اسڪول سانحي ۾ شهيد ٿيل شاگردن، ٽيچرس ۽ ٻين جي ياد ۾ پريس ڪلب اڳيان شهيدن جي تصويرن آڏو ڏيئا ٻارڻ سان گڏ گل رکي کين پيتا پيش ڪئي وئي، ان موقعي تي پي پي ايم زيڊ جي مرڪزي چيئرمين لياقت ابڙو، سينئر نائب صدر يونس ابڙو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

لاڙڪاڻو: پاڪستان پيٽرياٽڪ موومينٽ زنده آباد آرگنائيزيشن طرفان شاگردن کي پيتا پيش ڪئي پئي وڃي

ميرپور ماٿيلو سماجي تنظيم
هينڊز پاران ساليانو ايوارڊ
ورهائڻ واري تقريب

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو سماجي تنظيم هينڊز پاران ميرپور ماٿيلو ۾ ساليانو ايوارڊ ورهائڻ واري تقريب ٿي گذري جنهن ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو ماجد حميد شيخ ، ناليواري اديب ۽ سابق ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ گهوٽڪي سردار احمد ڳڏاڻي ، هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر الطاف سومرو، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

بدين جي شهرين کي پاڻي ڏيڻ ۾ پبلڪ هيلٿ کاتو به ناڪام، اختياريون خاموش

شهر جي 3 لک کان وڌيڪ شهرين کي پيئڻ جو پاڻي نه ملڻ جي ڪري پريشانيون وڌي ويون

ميونسپل ڪميٽيون ٽائون ڪميٽيون يونين ڪائونسلون عوام کي پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪنديون

ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ۾ ڪيترائي معتبر سڏجندڙ اڳواڻن جا هٿ بدترين ڪرپشن ۾ پريل نظر ايندا

بدين (رپورٽ: مرتضي ميمڻ) بدين جي شهرين کي پاڻي ڏيڻ ۾ پبلڪ هيلٿ کاتو به ناڪام انتظام بيهر ميونسپل ڪميٽي جي حوالي تفصيل موجب بدين شهر جي 3 لک کان وڌيڪ شهرين کي پيئڻ جو پاڻي نه ملڻ جي ڪري ميونسپل ڪميٽي جي خلاف شهرين جي احتجاجن ڪانپوءِ واٽر ڪميشن جي فيصلي تحت شهرين کي پيئڻ جو پاڻي پبلڪ هيلٿ کاتي ذريعي مهيا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
چنڇر 17 ڊسمبر 2022ع

ٻوڏ متاثرن جي بحالي واري ڪم ۾ سستي

سنڌ جي وڏي وزير ٻوڏ متاثر علائقن جو دورو ڪرڻ شروع ڪيو آهي، ٻه ڏينهن اڳ هن پنهنجي تڪ سيوهڻ ۽ ڀان جي علائقن جو دورو ڪيو ۽ ڪالهه هو ڪي اين شاهه ۽ ڪڪڙ جي علائقن جي ٻوڏ متاثر ماڻهن تائين پهتو آهي. ٻوڏ کي چار پنج مهينا گذرڻ باوجود انهن علائقن جي ماڻهن جا مسئلا اڃا به اهي ئي ساڳيا آهن ۽ انهن جي بحاليءَ ۾ سستي کان ڪم ورتو پيو وڃي. سنڌ جي وڏي وزير جي هن دوري سان هڪ آسرو پيدا ٿيو آهي ته هاڻي بحالي جو ڪم ڪجهه اڳتي وڌندو جيڪڏهن اهو به نه ٿو ٿئي ته گهٽ ۾ گهٽ حڪومت انهن علائقن مان پاڻي جي نيڪال جو ته بندوبست ڪري ته جيئن ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ تحت زندگي جو گاڏو گهلي سگهن هن وقت به اڪثر علائقا ۽ زرعي زمينون پاڻي هيٺ آهن متاهين وارن علائقن مان پاڻي پاڻمرادو وهي وڃي هيٺاهين وارن علائقن تي پهتو آهي ۽ اتان کان پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ نه ضلعي انتظاميا ڪو بندوبست ڪيو آهي ۽ نه ئي وري اتان جا چونڊيل نمائندا پنهنجي ووٽرن جي واهر لاءِ پهتا آهن. جنهن ڪري هن وقت به ڪي اين شاهه کان وٺي منڇر تائين جا وچ وارا علائقا پاڻي هيٺ آهن جتي نه رستا مڪمل طور بحال ٿي سگهيا آهن ۽ نه ئي وري زرعي زمينون پوکي لائق آهن جنهن ڪري ماڻهن جي زندگي جڻ ته مفلوج بڻيل آهي.

ٻوڏ ماڻهن جي زندگي کي ڪيترائي سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي جڏهن ته سرڪاري سرپرستي نه ٿيڻ يا انتظامي سستي انهن جي ڏکيائين کي ٻيڻو ڪري رهيون آهن هن وقت سخت سيءُ اچڻ باوجود هزارين لکين ماڻهو بنا ڇت جي زندگي گهارڻ تي مجبور آهن. چاڪاڻ ته چوڌاري پاڻي بيهڻ ۽ وري گهر ڊهڻ ڪري جن ماڻهن اچي روڊن رستن تي ککاون جهوپڙا اڏي پناهه ورتي هئي اهي شروعاتي مهينا ته ڪڍي ويا پر هن سخت سيءُ ۾ انهن جهوپڙن يا ڪيمپ نما گهرن ۾ انهن لاءِ گهارڻ ڏاڍو ڏکيو بڻجي ويو آهي. جن جا گهر ڊٺا يا انهن کي نقصان پهتو سرڪار اڃا تائين سروي ڪرڻ ۾ پوري آهي جڏهن اڃا سروي ئي مڪمل نه ٿي آهي ته گهر ٺاهڻ لاءِ انهن کي رقم ڪڏهن ملندي ان جي اڃا تائين ڪا پڪ نه ٿي ڏئي سگهجي. باقي ڪيترن حقيقي متاثر ماڻهن تائين اها رقم پهچندي اهو بحث ئي الڳ آهي ۽ ڪاموڙا انهي ۾ پنهنجي ڪارروائي ڪيئن ڪندا يا چونڊيل نمائندا "پنهنجن ماڻهن" کي ڪيئن نوازيندا اهو هر ڪو سمجهي سگهي ٿو جنهن جون سروي دوران ئي دانهون اچڻ شروع ٿي ويون آهن ته سياسي بنيادن تي پسند ۽ ناپسند طور سروي ۾ نالا شامل ڪيا پيا وڃن. ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌ اسيمبلي ۾ به ٻوڏ متاثرن جو معاملو بحث هيٺ آيو جتي حڪومت ۽ مخالف ڌر وارن هڪبئي تي الزام هڻي پنهنجي پنهنجي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هنن سخت سردين ۾ جتي عام حالتن ۾ ئي زندگي گهارڻ ڏکيو هوندو آهي اتي ٻوڏ متاثر ماڻهو بنا ڇت، بنا اناج ۽ بنادارون درمل جي زندگي گذاري رهيا آهن. هڪ هڪ پل انهن لاءِ کهڙي آزمائش وارو هوندو جيڪڏهن سرڪار انهي باري ۾ نه ٿي سوچي ته باقي ڪير اچي انهن جي واهر ڪندو جو هو پنهنجي زندگي جا ڏکيا ڏينهن گهاري سگهن.

اسان سمجهون ٿا ته سنڌ جي وڏي وزير ٻوڏ جي شروع وارن ڏينهن ۾ ڪجهه دورا ڪيا هئا ۽ وري هاڻي به انهن علائقن جي دورن تي نڪتل آهي رڳو متاثر علائقا ڪي اين شاهه کان منڇر تائين ناهن ٿري ميرواهه، ٻانڊي کان وٺي جهڏي ،عمرڪوٽ ۽ ميرپور خاص جا ڪيترائي علائقن جا ٻوڏ متاثر به ساڳين مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن تنهن ڪري انتظاميا سستي ڇڏي ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ پنهنجي ڪارروائين کي جيترو جلد ٿي سگهي تڪڙو اڪلائي ته جيئن انهن ٻوڏ متاثرن جون ڏکيايون گهٽجي سگهن.

عارف علوي ۽ اسحاق ڊار وارين ڳالهين جو ڇا ٿيو؟

ذوالفقار گرامڻي

هينئر تائين بحث انهيءَ ڳالهه تي آهي ته چوڌري پرويز الاهي پنجاب جي اسيمبلي ڊزالو ڪندو يا نه؟ اهو اهڙو سوال آهي جنهن جو جواب شايد چوڌري پرويز الاهيءَ کي پاڻ کي به سمجهه ۾ نه ايندو هجي. ان سوال جي حوالي سان جيترو موجوده وزيراعظم شهباز شريف جي حڪومت وارا پريشان آهن ايترو ئي عمران خان جي پارٽي وارا به غير يقيني واري ماحول ۾ پريس ڪانفرنسون ڪري رهيا آهن. ان سوال جي جواب جو انتظار خيبرپختونخوا واري حڪومت کي به آهي، جيڪي سمجهن ٿا ته اڳ ۾ پنجاب واري اسيمبليءَ جو فيصلو سامهون اچي ته پوءِ ڪي پي جي حڪومت ختم ڪري چونڊن ۾ وڃجي. خود اهو سوال به آهي ته جيڪڏهن چوڌري پرويز الاهي اسيمبلي ڊزالو ڪري عمران خان واري پاسي بيهي رهيو ته پوءِ چوڌري پرويز الاهيءَ جو پنهنجو سياسي مستقبل ڇا هوندو؟ ڇو جو سندس پارٽيءَ جو اڳواڻ ته چوڌري شجاعت آهي. چوڌري پرويز الاهي ۽ مونس الاهي وارا پوءِ چونڊ عمران خان سان اتحاد ۾ وڙهندا يا پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿي وڙهندا. هينئر جيڪڏهن چوڌري پرويز الاهي جي سامهون اهو سوال رکجي ته هڪڙي پاسي عمران خان جو موقف آهي جنهن ذريعي پنجاب جي وڏ وزارت ڇڏي چونڊن ۾ وڃي ايندڙ اسيمبلي جي عهدي جو انتظار ڪجي يا وري پنجاب اسيمبلي ڊزالو نه ڪري جيستائين اسيمبلي آهي تيستائين وڏ وزارت جا مزا ماڻجن. چوڌري پرويز الاهي جي ڪا به خبر ناهي ته هن ان حوالي سان ڪهڙو ذهن ٺاهي ڇڏيو آهي. چوڌري پرويز الاهي جي ذهن ۾ اهو سوال به هوندو ته هن آصف زرداري وارن سان جيڪو واعدو ڪري ٻني ڳالا وڃي عمران خان جو ساٿ ڏنو. اهو آصف زرداريءَ وارن وساريو نه هوندو. ان ڪري جنهن عمران خان سان هليا آهيون هاڻ ان سان ئي هلڻ گهرجي، ايئن نه ٿئي ته اڪيلا رهجي وڃون. ٻئي پاسي آصف زرداري وارن جو به ڪيس يقين ڏيارڻ وارو عمل چوڌري شجاعت معرفت پهتو هوندو. هاڻ ڏسجي ته چوڌري پرويز الاهي ڪهڙو فيصلو ٿو ڪري.

چوڌري پرويز الاهي جي معاملي تي جيترو پراعتماد پي ٽي آءِ وارا آهن. ايترو ئي سياسي بحث دوران يقين سان چيو وڃي ٿو ته چوڌري پرويز الاهي اسيمبلي ڊزالو نه ڪندو. هاڻ اهو سوال به سوچي سگهجي ٿو ته چوڌري پرويز الاهي سان جيڪا صدر عارف علوي ملاقات ڪري ٿو ڇا اها ملاقات ان يقين ڏيارڻ واري ملاقات آهي ته توهان پنجاب اسيمبلي ڊزالو ڪندئو يا نه. جيڪو پرويز الاهي عمران خان سان زمان پارڪ ۾ ملندو هجي، عمران خان سان اڪيلي ملاقات ڪندو هجي. ان پرويز الاهي عمران خان سان واضح گفتگو نه ڪئي هوندي جو ڪيس صدر عارف علوي سان ملاقات ڪرڻ جو جواز پيدا ٿيو هجي. جيتوڻيڪ صدر عارف علوي جو تعلق عمران خان واري پارٽيءَ سان آهي پر صدر عارف علوي هينئر مسلم ليگ نواز سان ڳالهين جا ڪيترائي دور ڪري چڪو آهي. عارف علوي اسحاق ڊار جي تعريف به انهن لفظن ۾ ڪري چڪو آهي ته اسحاق ڊار ڳالهين ۾ مهارت رکندڙ شخص آهي. ان کان اڳ به صدر عارف علوي آرمي چيف جي مقرريءَ تي ان بحث جو موضوع بڻيل هو ته عارف علوي ان مقرريءَ واري سمري تي صحيح ڪندو يا نه؟ صدر عارف علويءَ ايئن ئي عمران خان سان ملاقات ڪري واپس اچي صحيح ڪري ڇڏي. جنهن جو مقصد ايئن هو ته عمران خان کي هاڪاري مشورا ڏنا ويا تنهن ڪري هينئر جيڪو صدر عارف علوي ۽ اسحاق ڊار ڳالهين جي شروعات ڪئي آهي ان جا پنج دور ٿي چڪا آهن جڏهن ته ڳالهه هاڻ اڳتي وڌندي به نظر اچي ٿي ته اياز صادق وارا به وڃي صدر عارف علويءَ سان مليا آهن. جنهن کان پوءِ صدر عارف علوي چوڌري پرويز الاهي سان به ملاقات ڪري آيو آهي. جنهن جو مقصد اهو آهي ته صدر عارف علوي جيڪا چوڌري پرويز الاهي سان ملاقات ڪري رهيو آهي اها ملاقات دراصل اهڙي ملاقات آهي جيڪا صدر عارف علوي ۽ اسحاق ڊار وچ ۾ ٿي رهي آهي. وفاقي وزيرن جون ڪچهريون ٻڌائي رهيون آهن ته عمران خان کي چونڊن جي تاريخ نه پئي ملي. شهباز شريف وارا عمران خان جي ان موقف سان اتفاق نٿا ڪن ته چونڊون وقت کان اڳ ٿيڻ گهرجن جڏهن ته عمران خان سان هر سطح جون ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. جيڪڏهن عمران خان وارا واپس اسيمبلي ۾ اچي وڃن. هينئر عمران خان کي اليڪشن ڪميشن اندر به هڪ ئي وقت چار کان پنج نوٽيس مليل آهن. جنهن ۾ سندس چيئرمين شپ کي به خطرو آهي. هڪڙا ذهن اهو سوچين ٿا ته اليڪشن ڪميشن اندر ڪيسن ۾ عمران خان کي ڪو به خطرو ناهي پر هي جيڪو سيتا وائيٽ وارو معاملو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پهتل آهي اهو عمران خان جي سياسي مستقبل لاءِ چئلينج بڻجي ويندو. عمران خان کي توشه خانه واري معاملي تي به عدالت 09 جنوري تي طلب ڪري ورتو آهي، جنهن ۾ سندس وڪيلن واريون ڪچهريون ان دليل واريون آهن ته عمران خان ڪجهه لڪايو نه ناهي، عمران خان گهڙيءَ جي قيمت به ظاهر ڪئي آهي پر قيمت جي گهٽ هجڻ جو معاملو آهي. جڏهن ته گهڙيءَ جي قيمت لڳائڻ وارا ڪير آهن. جن ڏني آهي اهي به ظاهر نه ٿا ڪن. جن ورتي آهي اهي به ان کي تحفو ٿا سمجهن ان ڪري ئي ته عمران خان "منهنجو تحفو منهنجي مرضي" وارو اصول اختيار ڪيو آهي. هن ۾ ڪا به ڳالهه لڪيل ته ناهي. اهي دليل پنهنجي جڳهه تي پر عمران خان توشه خانه واري معاملي ۾ وڌيڪ قانوني گهيري ۾ ايندي نظر اچي رهيو آهي. عمران خان پنهنجن وڪيلن جي بريفنگ ۾ به اندازو لڳائي چڪو هوندو ته ساڻس ڇا ٿي سگهي ٿو.

هاڻي عمران خان کي جيڪڏهن چونڊن جي تاريخ به نه ملي. ٻئي پاسي کان قانوني پيچيدگيون به جام نظر اينديون هجن ته پوءِ عمران خان وٽ ڪهڙو رستو بچي ٿو. ڪجهه ڏينهن اڳ تائين جڏهن عمران خان موجوده حڪومت کي ڳالهين جي آڇ ڪئي ته ان حوالي سان اهڙا بحث به ٿيا ته هي عمران خان جو هاڪاري يوٽرن آهي، عمران خان پنهنجي ٻئي ڏينهن واري خطاب ۾ چيو ته منهنجي خطاب جو غلط مقصد ڪڍيو ويو آهي. عمران خان ڪجهه ڏينهن کان پوءِ جڏهن نئين آرمي چيف جي تعريف ڪئي تڏهن به اهو بحث جاري رهيو ته ڳالهين جا در کولي رهيو آهي پر هاڻ جيڪو عمران خان ٻيهر جنرل باجوه تي تنقيد وارو خطاب شروع ڪندي 17 تاريخ واري خطاب جو انتظار ڪرائي رهيو آهي ته هو ان ڏينهن تي اسيمبليون ڊزالو ڪرڻ جو اعلان ڪندو. ان جو اهو مقصد هجڻ گهرجي ته معنيٰ صدر عارف علوي واريون ڳالهيون ناڪام يا اهڙين ڳالهين جا در عمران خان بند ڪري ڇڏيا جنهن کان پوءِ شاهه محمود قريشي اسپيڪر راجه پرويز اشرف کي خط لکي چيو آهي ته پي ٽي آءِ وارا پنهنجي استعيفيٰ جي تصديق لاءِ قومي اسيمبلي ۾ واپس اچڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن عمران خان ڳالهين جا در بند ڪري ڇڏيا هجن ها ته صدر عارف علوي سياسي ملاقاتون نه ڪري ها. ان جو مقصد اهو به آهي ته عمران خان حڪومت تي ايترو دٻاءُ وجهڻ گهري ٿو ته جيئن حڪومت مجبور ٿي سندن مطالبن کي تسليم ڪري پر حڪومتي وزيراهڙي دٻاءَ ۾ ايندي نظر نٿا اچن. ان سوال جو جواب جڏهن پي ٽي آءِ يا نواز ليگ وارن کان ڪجي ٿو ته جيڪڏهن پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبليون ڊزالو ٿيون ته پوءِ ڇا ٿيندو جي جواب ۾ ٻئي ڌريون ساڳيو جواب ڏيندي نظر اچن ٿيون ته چونڊن ۾ اهي کٽي ويندا. جنهن کان پوءِ قومي اسيمبلي ۾ به اهي کٽي ويندا. عمران خان وارا پنجاب ۽ ڪي پي ۾ هارائي ويندا. جنهن کان پوءِ عمران خان جو سياسي مستقبل ختم ٿي ويندو هر پارٽي کي پنهنجا دليل آهن پر ايئن ڪو به نٿو چوي ته ڳالهيون ناڪام ٿي ويون آهن يا ختم ٿي ويون آهن. جنهن جو مقصد اهو آهي ته ڳالهيون به جاري آهن ته الٽيميٽم وارا بيان به جاري آهن. هاڻ ڏسجي ته ڪير ڪنهن جي دٻاءَ ۾ ٿو اچي!

ڍِهاڻِي ڏِنَمِ ڪيتِرا، جَنِين مارِيو موڪَ؛
گَهرَ ۾ گهاتُوئَڙَنِ جا، تا مارِينِمِ ٽوڪَ؛
لَڌِي وِڇان لوڪَ، اُونهي ويا اوهِري.

وحشت ۽ دهشت، معصوميت کي ماري ٿي

غضنفر سولنگي

هن هيڏي وڏي سنسار ۾ جيءَ جلي ٿو، نفسا نفسي جي عالم ۾ سڀ ڪو پنهنجون پنهنجون خواهشون خيال ۽ اميدون ڪنهن تابوت ۾ ڪنيو پڇندو ٿو رهي ۽ وري موت سندس پليان ڪاهيندو پيو اچي. پر انسان ويچارو جيئڻ ڪارڻ جيڏيون جيان سانباهه ڪندي هڪ ئي رستي تي ڊڪندو پيو رهي، موت ڪيڏو نه سولو ۽ سلجهيل آهي، موت ڪيترو نه ويجهو ۽ ويڳاڻو آهي، موت ڪيترو نه سستو آهي. پڪا پوڙها ڪوڙ ٿا پيا جيئن انهن ويچارن جي نه ڪنهن کي ضرورت ۽ نه وري انهن جي اهميت. سڀ ڪنهن تي بوجهه هوندي به هو پيا پنهنجي يادن سهاري پويان پساهه پورا ڪن آخر به ته زندگي جو هي گاڏو ڏکي ضرور جيئندا نه . ڏکيو سکيو آهي جيئڻ جوانن جو آهي جيڪي پنهنجي روزگار، نوڪري ۽ وجود جي جنگ جوٽڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ جا ڄاڻتا هٿندا ،جلندا جهرندا، ٻرندا ۽ پيا سڙندا پرجيئڻ لاءِ جتن ضرور ڪندا رهندا سندن جي گهر مان نڪرڻ مهل هاڻي اهو به سوچڻ ضروري ٿي پوندو آهي ته خبر ناهي ته خير سان جيئرا موٽندا به الائجي نه!!!

جوانن جي جوانين جو خير، گهر جي وارثن جو خير، عورتون ويچاريون سڄو ڏينهن گهر ۾ رڙ سان رڙ وڪڙ ڪيون وتن ٿيون ڏينهن گذاريندڙيون. هن سڄي سماج ۾ وري به ته پوڳي بيگناهه ٻار ٿو بي سمجهه وجود جي معصوم مسڪراهٽ ايئن ريگستان جي رڃ ۾ رلي ۽ رڙي مري نه وڃي درسگاهن ۾ دم ڏئي در ڏينڌڙ دل ڏاريندڙ آرمي اسڪول پشاور جا ٻار جن جا آواز اڄ به اسڪولن جي ديوارن سان ڳالهائين ٿا ته بي وقتائتو موت جو ڪاچ اهي ايئن نه ٻڌجن ها.

" تڙيا سين دامن صحرا ۾
خوشبو ٿي اجائي وئي"

اسڪولي ٿيلها ڪٿي ويندڙ معصوم پتڪڙن ذهنن ۾ الاجي اهو ڪاٿي هوندو ته هو ايئن گهر کان آخري پيرو وڃي رهيا آهن اسڪول جو زمانو به ته عجيب هوندو آهي نه دنيا جا الڪا نه صدما ۽ نه ئي وهم وسوسا بس پنهنجي ئي هڪ موج مستي ۾ رهي ٿو، ٻار جو درسگاهه نه وڃڻ جو ضد ڪرڻ ۽ والدين جو پيار سان سمجهائي راضي ڪرڻ ڏسڻ وٽان هوندو آهي معصومن جي مٽي پڇاڻان اهو ڪاٿي ٿو وسري.

"معصوميت
انسان جي جيابي جو
ڏس ٿي ڏي،
پر
وحشت ۽ دهشت،
ان معصوميت کان،
سڪون،
۽ ..
امن کسڻ
ٿي چاهي" (گوهر سنڌي)

سياسي طور پاڻ ڪجهه به ڪٿي چئون پر حقيقت اها ئي آهي ته اسان ڪنهن واقعي جي انتظار ۾ چوڪا رهون هر ڀيري ڪو اهڙو ئي حادثو ٿئي ته پوءِ ئي پاڻ عمل ۾ اچي ٿا وڃون، سالن جي مڙهيل پرائي جنگ اسان کي اهو ضرور سيکاري وئي آهي ته ٻين جي جهيڙن ۾ ايئن نه ٻوڙ گهرجي. 2014ع تي آرمي اسڪول ۾ 144 معصوم ٻارن کي دهشت گردن جيڪا ڪارروائي ڪري شهيد ڪيو اها يقينن تاريخي ۽ بزدلي جي بدترين ڪارروائي قرار ڏني ويندي رهي آهي جيڪا هڪ درسگاهه ۾ استادن سميت شاگردن جي شعور کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي، چهن خوفزده انسان نما شڪل ۾ هنن هيٺرن سارن آوازن کي بند ڪيو ۽ هنن جي هٿن ۾ موجود قلم جي ڪاري مس کي ڳاڙهي رت جي رنگ ۾ رڱيو. سوچڻ جي ڳالهه اها پڻ آهي ته حڪومتن جي تبديلي کان پوءِ به ڪيس جون حاضريون عام رهيون ته وري ماڻهن جو ايئن مرڻ به نه ناهي رڪيو جو خاموش ٿي ويهي رهجي.

16 ڊسمبر جو ڏينهن اسان سيني کي درس ڏئي ٿو ته پنهنجي ننڍڙن پتڪڙن ذهنن جي حفاظت ڪري انهن جو ايندڙ وقت ڪارائتو بڻايون ۽ ماحول ۾ موجود هي وحشي صفت ماڻهن جي منهن کان بچايون، سوچڻ ته اهو به گهرجي ته 16 ڊسمبر جي واقعي کي سال گذري ويا پر پاڻ معاشري ۾ ملندڙ اهڙا هزارين ڏک اڃا به باقي ۽ جاري آهن انهن جا پرچلها ڪيترا پيا ٿيون ۽ ملڪ ۽ خاص ڪري سونهاري سنڌ ۾ ٿيندڙ قتل وغارت، بيگناهه مرندڙ ماڻهن ۽ مظلوم طبقي جي ڪيتري ڪم پيا اچون.

ملڪ سميت سنڌ ۾ اڄ به بيگناهه ٻارڙن جو قتل عام جاري آهي جنهن کي روڪڻ لاءِ اسان ڪيترا سرگرم رهيا آهيون، سماج کي سلو ڪرڻ ۾ ڪيترو حصو اسان ادا پيا ڪيون؟ اهڙا سوين سوال سوچي هنن تي عمل ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي نه ته بي صورت ۾ معاشري ۾ موجود اي پي ايس پشاور جهڙا واقعا ٿيندا رهندا.

بقايا *** 01

ميجيور آهن پر پليان کان اسان کي اجازت نه آهي. جنرل باجوه اجازت نه ڏني اهو فيصلو ڪندو هو ته نيب ذريعي ڪنهن کي ڪيترو دٻائڻو آهي. ڪڏهن ڇڏڻو آهي. ڪڏهن اندر ڪرڻو آهي. شهباز شريف جو ڪيس ٿي نه لڳندو هو مان وزيراعظم بي وس وينل هئس. عمران خان وڌيڪ چيو ته شهباز شريف جي پٽ پنهنجن ملازمن جي نالي تي پئسا گهرايا ماڻهن جا ضمير خريد ڪري اسان جي حڪومت هٽائي وئي.

بقايا *** 02

آهن. ڪراچي ۾ چيني شهرين کي به نشانو بڻايو ويو. بلوچستان ۾ به عدم استحڪام پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. پاڪستان ۾ دهشتگردي جي ذميوار عنصرن کي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. نيويارڪ ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پاڪستان جي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته دهشتگردي خلاف پاڪستان جون قربانيون ڪنهن کان به گهٽ نه آهن. دهشتگردي جي خاتمي لاءِ قومي لائحه عمل تحت ٺوس قدم کنيا ويا آهن ۽ فيٽف ۾ پڻ دهشتگردن جي مالي مدد روڪڻ جي لاءِ ڪيترائي قدم کنيا آهن. هن چيو ته بينظير ڀٽو شهيد دهشتگردن جي ڌمڪين باوجود جمهوريت لاءِ جدوجهد جاري رکي ۽ منهنجي والده محترمه بينظير ڀٽو جيڪا مسلمان دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم هئي. ان کي دهشتگردن شهيد ڪيو. هن چيو ته نه سيٺي مسلمان دهشتگرد آهن ۽ نه ئي سيٺي جو تعلق ان سان ڳنڍي سگهجي ٿو. هن چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردي جي لاءِ ٻاهرئين مدد ڪئي وئي. هن چيو ته جوهر ٽائون لاهور واقعي ۾ ڀارت جا ترديد نه ٿيڻ جوڳا ثبوت موجود آهن. بلوچستان ۾ به عدم استحڪام پيدا ڪرڻ جي لاءِ ٻاهريان هٿ ملوث آهن. هن چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪندڙ ٻاهرئين هٿن کي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. ٻوڏ جي حوالي سان بلاول ڀٽو زرداري چيو ته سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ اڃا به پاڻي بيٺل آهي. جنيوا ۾ 9 جنوري تي عالمي تعاون جي حوالي سان ڪانفرنس ٿي رهي آهي. هن چيو ته آئون ڀارت کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اسامه بن لادن مارجي چڪو آهي پر گجرات جو ڪاسائي اڃا موجود آهي ۽ اهو وزيراعظم بڻجي ويو آهي. هن چيو ته ڀارتي حڪومت گانڌي جي نه پر گانڌي جي قاتلن جي نظرين تي يقين رکي ٿي. هن چيو ته موجوده ڀارت جي حڪومت هٽلر کان متاثر آهي ۽ ان سان خطو پڻ متاثر ٿي رهيو آهي.

بقايا *** 03

هيرو آهن. هن چيو ته والدين جي همت کي پڻ زبردست خراج تحسين پيش ڪندي . ساڻن يڪجهتي جو اظهار ڪيون ٿا. هن افسوسناڪ واقعي ڪانپوءِ قوم هڪ ٿي دهشتگردي جو مقابلو ڪيو. پاڪستان قوم دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ بي شمار قربانيون ڏنيون آهن. صوبائي وزير چيو ته دنيا دهشتگردي جي جنگ ۾ پاڪستان جي قربانين ۽ ڪاوشن کي تسليم ڪري. دنيا کي دهشتگردي کان محفوظ بڻائڻ لاءِ پاڪستانين ۽ پاڪستان جي فوج سڀ کان اڳتي رهي آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته نفرتن، ڏاڍ ۽ تعصب پکيڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارن پاڪستان دشمن عنصرن جي خلاف قوم متحد آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه دهشتگردي جي خلاف واضح موقف رکيو آهي. هر فورم تي دهشتگردي جي خلاف آواز بلند ڪئي ۽ ان جي خاتمي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اڄ به ضرورت آهي ته نيشنل ايڪشن پلان

تي جي سمورن نڪتن تي عملدرآمد ڪيو وڃي.

بقايا *** 04

غم آهي جيڪو وساريو ناهي. اڄ آرمي پبلڪ اسڪول جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ ۽ انهن جي خاندانن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن. پاڪستاني قوم شهيدن جي قربانين کي ڪڏهن به وساري نه سگهندي. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته 16 ڊسمبر جو ڏينهن سڄي پاڪستان جي دهشتگردي خلاف هڪ آواز ٿيڻ جو ڏينهن آهي. هي ڏينهن سڄي دنيا لاءِ پيغام آهي ته پاڪستان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. هن عفريت جي مڪمل تباهي تائين ساڳئي لوهي عزم ۽ ثابت قدمي سان اهو ڏينهن جاري رهندو

بقايا *** 05

خلاف جارحاڻي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ ۽ سوشل ميڊيا تي به حڪومتي موقف کي اجاگر ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته تحريڪ انصاف حڪومت جون خاميون اجاگر ڪيون وينديون. وزيراعظم چيو ته پي ٽي آءِ دور جي معاشي خامين کي به اجاگر ڪيو وڃي.

بقايا *** 06

ڪيس ۾ گهربل ناهي ته ڪيس فوري طور آزاد ڪيو وڃي. عدالت پراسيڪيوشن جوابدارن خلاف ٺوس ثبوت پيش نه ڪري سگهيا. ذيشان خلاف جنوري 2015 ۾ بهادر آباد ۾ چائنا ڪمپيوٽر جي دڪان مالڪ نديم انور پاران ڪيس داخل ڪيو ويو هو. ماتحت عدالت جوابدار کي ڦر ۽ غير قانوني هٿيار رکڻ جي ڏوهه ۾ 6 سال قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي

بقايا *** 07

نه فيول وٺندڙ ڪيترين ئي گاڏين سنڌ هائوس جي استعمال هيٺ به ناهن. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سنڌ هائوس اسلام آباد ۾ رهائشي ۽ ڪمبل جي خريداري تي لکين رپين جي خرچ سامهون آيا آهن. جڏهن ته ٻين صوبن جو ڊوميسائل رکندڙ ماڻهن کي سنڌ هائوس ۾ ڀرتي ڪيو ويو. رپورٽ ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته گورنر، وڏي وزير ۽ ٻين ڪمرن ۾ جيٽ مار ڦوهاري تي 7 لک رپيا خرچ آيو. هڪ پردو 7500 رپين ۾ ڌوتو ويو ۽ مجموعي طور پردا ڌوئڻ تي 6 لک رپيا خرچ آيا. آڊٽ رپورٽ موجب صفائي لاءِ 5 لک رپين جو واشنگ پائوڊر الڳ خريد ڪيو ويو.

بقايا *** 08

حوالي سان سامهون ايندڙ ڳالهيون ڪوڙيون آهن. ٻن سالن جي پابندي کان پوءِ مان سياست جو حصو نه بڻجندس ۽ نه ئي ان کان پوءِ ڪڏهن منهنجو سياست ۾ حصو وٺڻ جو ارادو آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي هئي جنهن ۾ فيض حميد پنهنجي اباڻي ڳوٺ چڪوال ۾ هڪ عوامي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي هئي جنهن ۾ هڪ نامعلوم شخص عوامي اجتماع کي خطاب ڪندي (ر) جنرل جي فوج لاءِ ۽ پنهنجي علائقي لاءِ خدمتن تي ان جي تعريف به ڪئي. وڊيو ۾ ٿي ڏسي سگهجي ٿو ته ان شخص (ر) جنرل کي سياست ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ڪيس چيو ته هو ملڪ جي ترقي لاءِ ڪردار ادا ڪري (ر) جنرل جي حوالي سان ماضي ۾ به سياست ۽ ميڊيا ۾ ڪافي بحث ٿيندو رهيو آهي ته هو آرمي چيف جي عهدي تي عمران خان جي پهرين چونڊ سمجهيو ويندو هو

بقايا *** 09

موجب ڊيزل تي پيٽروليم ليوي جي قيمت ۾ 30 رپيا 30 پئسا واڌ ڪئي وئي آهي. پيٽروليم واري وزارت جي ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف جي شرطن موجب پيٽرول تي 5 رپيا 50 پئسا، گاسليٽ تي 13 رپيا 10 پئسا ۽ لائيٽ ڊيزل آئل تي 16 رپيا 29 پئسا ليوي لاڳو ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 10

وٺڻ بند ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو پر هن هاڻي ٽيسلا جا وڌيڪ 3.6 بلين ڊالر جا شيئر وڪرو ڪيا آهن. ايلون مسڪ Twitter خريد ڪرڻ لاءِ ڊيل کي فنانس ڪرڻ لاءِ اڪثر شيئر وڪرو ڪيا. خبر ايجنسي چيو.

بقايا *** 11

جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. زمين جي الاٽمينٽ جا ڪاغذ گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري کي اڄ گورنر هائوس ۾ ميمبر لينڊ يوٽيلائيزيشن دانش سعيد ڏنا. ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيد سيف الرحمان پڻ موجود هو. گورنر سنڌ چيو ته زمين الاٽ ٿيڻ کانپوءِ يونيورسٽي جي تعمير جو ڪم جلد شروع ڪيو ويندو. هن چيو ته هي يونيورسٽي حيدرآباد جي نوجوانن کي اعليٰ تعليم جا بهتر موقعا فراهم ڪندي.

بقايا *** 12

۾ زندگي معمول تي اچڻ شروع ٿي وئي آهي پر ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سيڪيورٽي هاءِ الرٽ آهي.

بقايا *** 13

وسيلي سنڌ جو ڪيس وڙهيو. ايتري قدر جو انقلابي شاعري ذريعي نوجوانن ۾ سجاڳي پيدا ڪئي. ان موقعي تي شفقت رحيم راجپوت، ظفر عيدن منگي، راحب علي ملاح، امداد ملڪ، مجيب الرحمان ملاح ۽ ٻين چيو شيخ اياز 20 صدي جو وڏو شاعر آهي. جنهن جي شاعري صدين تائين سوڀاري رهندي

بقايا *** 14

اگهه وٺڻ جو ڊي سي زين العابدين ميمڻ نوٽيس ورتو. ڊي سي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورخاص حسين ڪوسو ۽ مختيارڪار راشد ميئو زراعت کاتي جي ٽيم ۽ پوليس سميت ميرپورخاص رنگ روڊ تي مختلف ڊيلرن جي ڀاڻ جي گدامن تي ڇاپا هڻي 7 گدام سيل ڪري ڇڏيا. جيڪي گدام شهر جي مک ڊيلرن پرڪاش، عابد قائمخاني ۽ راجا جا آهن. گدامن ۾ سونا يوريا، ڊي اي پي، زبردست يوريا ۽ ٻين ڪمپنين جي ڀاڻ جون هزارين بوريون پيل آهن. جڏهن ته راجا سرفراز ڊيلر جي گدام مان مدي خارج ڀاڻ جو سوين بوريون هٿ آيون. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر حسين ڪوسو ٻڌايو ته ڊي سي جي هدايتن تي ڇاپا هڻي گدام سيل ڪيا آهن. گدامن ۾ پيل ڀاڻ سرڪاري اگهه تي آبادگارن کي ڏنو ويندو. ذخيرو ڪندڙ ڊيلرن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو حسين بخش مري يونس رند پڻ هڪ گدام کي سيل ڪيو. رابطو ڪرڻ تي ڊي سي زين العابدين ميمڻ ٻڌايو ته ضلعي ۾ بليڪ تي ڊيلر ڀاڻ وڪرو ڪري رهيا هئا. ڀاڻ جي هٿرادو کوٽ پيدا ڪري ڀاڻ ذخيرو ڪيو ويو. شڪايتون ملڻ بعد ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. تعلقن جي سيني اي سيز کي هدايت ڪئي آهي ته ڀاڻ بليڪ تي وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري آبادگارن کي سرڪاري اگهه تي ڀاڻ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا *** 15

کان سستو تيل خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون آمريڪا ۾ موجود پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سندس بيان جي ترديد ڪندي چيو ته روس کان سستو تيل وٺڻ جي ڪا به ڪوشش نه پيا ڪريون مصدق ملڪ اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پاڪستان جا روس سان سستي تيل جي خريداري جا معاملا طئي ٿي ويا آهن هن چيو ته اميد آهي ته سستو تيل ملي ويندو سستو تيل ملڻ سان پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جا اگهه گهٽائڻ ۾ مدد ملندي هن چيو ته روس کان سستو تيل خريد ڪرڻ بابت مونجهارا ختم ڪرڻ لاءِ سمورا تفصيل پرڏيهي وزارت کي فراهم ڪنداسين

بقايا *** 16

لانڊرنگ ڪيس بابت سوال پيپر ڏنو. سليمان شهباز سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ وقت گهريو. ياد رهي ته سليمان شهباز مني لانڊرنگ ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان حفاظتي ضمانت تي آهي ۽ هو ڪجهه ڏينهن اڳ وطن واپس آيو هو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پوليس کي سليمان شهباز جي گرفتاري کان روڪڻ جو حڪم جاري ڪندي وزيراعظم جي پٽ کي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا *** 17

تي ڪراچي پوليس چيف جاويد عالم اوڍي پريس ڪانفرنس ڪئي. هن چيو ته بلال ناصر جي موت ڪانپوءِ ايس ايس پي ايسٽ جي ٽيم ڪم شروع ڪري ڇڏيو هو. سي سي ٽي وي فوٽيجز ۽ ٻين شاهدين جي مدد سان هڪ جوابدار نظام کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. سندس عمر 16 سال آهي. هن چيو ته جوابدار نظام الدين افغان شهري آهي. جيڪو جمالي ڳوٺ جو رهواسي آهي. ٻئي جوابدار جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي. ان کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو. جڏهن ته سندس مائٽن کي به جاچ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سندس چوڻ هو ته ڏوهن ۾ واڌ جو سبب ملڪ ۾ وڌندڙ بيروزگاري ۽ غربت به آهي. جڏهن ته غير قانوني طور ڪراچي ۾ رهندڙ افغان شهرين کي قانون جي ضابطي ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي پوليس چيف وڌيڪ چيو ته شهر ۾ ٻارن سان زيادتي جا واقعا به وڌيا آهن. نومبر ۽ ڊسمبر ۾ 22 ڪيس ٿيا، جن ۾ 4 ٻارن کي قتل ڪيو ويو. 21 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جاويد عالم اوڍي چيو ته هلندڙ سال دوران زيادتي جي ڪُل 251 واقعن ۾ ٻار قتل ٿيا ۽ 251 مان 225 ڪيس حل ڪيا ويا. 233 جوابدار پڪڙيا ويا. هلندڙ سال 825 پوليس مقابلا ٿيا. 118 جوابدار پوليس مقابلن ۾ ماريا ويا. 937 جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيا.

بقايا *** 18

سياسي سماجي تنظيمن ۽ قومپرست اڳواڻن جي وڏي انگ ۾ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي وارثن ۽ مظاهرين چيو ته جنيد ملڪ کي شگر مل اندر قتل ڪيو ويو پوليس قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪا به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته مل انتظاميا ٽن ڏينهن تائين ڪوڙ ڳالهائيندي رهي ته جنيد ملڪ مل جي اندر ناهي. ٽن ڏينهن بعد سندس لاش نڪتو وارثن ۽ مظاهرين پاران مل انتظاميه کي به جاچ ۾ شامل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا *** 19

تائين اسپيشل جج سينٽرل اسلام آباد جي عهدي جو چارج ناهي ورتو. اسپيشل پراسيڪيوٽر راجا رضوان عباسي ۽ اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ بابر اعوان عدالت ۾ پيش ٿيڻ بعد روانو ٿي ويا.اعظم سواتي جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي 19 ڊسمبر تائين ملتوي ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 20

واري مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو هو ته روس پاڪستان کي سستي اگهه تي خام تيل فراهم ڪندو. بلاول ڀٽو زرداري آءِ ايم ايف کي به چيو ته هو پنهنجي شرطن تي نظرثاني ڪري معيشت جي بحالي ۾ مدد ڪري.

بقايا *** 21

لاڳاپيل نوجوان حڪومت کان قرض وٺي سگهن ٿا. پهرين سال ۾ هارين کي قرض واپس ڪرڻ جي ضرورت نه پوندي. خاص مددگار چيو ته وزيراعظم يوٿ لون اسڪيم ايندڙ هفتي شروع ڪئي ويندي. سڄي ملڪ ۾ 50 ارب رپين جا قرض ڏنا ويندا. جنهن سان نوجوان ٽريڪٽرن جي خريداري سان گڏ ٻج ۽ ڀاڻ به خريد ڪري سگهندا. ڊيري فارمنگ لاءِ به فنڊ ملندا. قرض جي رقم سان 3 ڳوٺ گڏجي جديد ڊيري پلانٽ لڳائي سگهندا. شزا فاطمه چيو ته 5 لکن جي قرض تي ڪا به ضمانت ۽ وياج نه هوندو. 15 لک قرض 5 سيڪڙو ۽ 75 لک قرض 7 سيڪڙو وياج تي ڏنو ويندو. 15 کان 75 لک قرض لاءِ قومي سڃاڻپ ڪارڊ ۽ موبائل فون نمبر گهربل هوندو. قرض جي طريقيڪار بابت خاص مددگار چيو ته قرض لاءِ وزيراعظم يوٿ پروگرام جي ويب سائيٽ تي اپلاءِ ڪري سگهجي ٿو. نوجوان پي ايم وائي پي نالي موبائل ايپ تي به اپلائي ڪري سگهن ٿا. جن جا ڍور ٻوڏ ۾ مري ويا آهي به قرض وٺي سگهن ٿا. هن چيو ته ڏورانهن علائقن جي نوجوان نسل کي زرعي ڪاروبار ڏانهن آندو پيو وڃي. نوجوان قرض جي رقم سان ڊيري فارم ناهي ۽ ڍور پالي سگهن ٿا. نوجوان قرض سان ٽريڪٽر يا ٻيو زرعي سامان خريد ڪري سگهن ٿا.

بقايا *** 22

جتان کيس طبي امداد ڏئي گهربل سهولت نه هجڻ ڪري حيدرآباد منتقل ڪيو ويو جتي زخمي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. اطلاع تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ان سلسلي ۾ پوليس ٻڌايو ته زخمي نوجوان موٽرسائيڪل تان ڪري پيو جنهن کي اسان بيهوشي جي حالت ۾ ڪنيو وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون. ٻئي طرف فوتي جي مامي نصرالله پاڻوجو نوجوان جي قتل جو شڪ ظاهر ڪندي چيو ته پاڻيچي کي مٿي (دماغ) ۾ ڌڪ لڳل آهي. ٻيو ڪو به ڌڪ ظاهري ناهي. اسان کي قتل جو شڪ آهي هن مطالبو ڪيو ته جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا *** 23

محمود جي ضمانت بابت ڪيس جي ٻڌڻي جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي ٻه رڪني بئنچ ڪئي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏنا ته ٽرائل ڪورٽ فرد جرم ۾ ته قلم هٽيوئي ناهي، جڏهن جوابدار کي خبر ئي ناهي ته هن جو ڏوهه ڪهڙو آهي ته پنهنجو ڪيس ڪيئن وڙهندو؟ توهان کي خبر هجڻ گهرجي ته ڪهڙي ڏوهه ۾ ڪهڙو قلم لڳندو آهي. سندس موجب اسلامي نظرياتي ڪائونسل به چيو ته آرٽيڪل 295 سي ناهي لڳندو. جڏهن هڪ آئيني اداري جي راءِ تي عمل ناهي ڪرڻو ته ان کي بند ڪري ڇڏيو جوابدار جي وڪيل چيو ته اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي راءِ 8 جون 2022 تي آئي. جنهن تي جسٽس يحيٰ آفريدي پڇائو ڪيو ته ٽرائل ڪورٽ اسلامي نظرياتي ڪائونسل جي راءِ باوجود ضمانت رد ڪئي؟ جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو ته مذهب بابت هر ڪيس جو واسطو رياست سان هوندو آهي. مذهب بابت معاملا ڪنهن فرد جي هٿ ۾ نٿا ڏئي سگهجن. مذهب بابت معاملا رياستي مشينري کي انتهائي صلاحيت ۽ احتياط سان ڏسڻ گهرجن. مذهب جي معاملن ۾ رياستي مشينري کي ماڻهن سامهون ليٽڻ نه گهرجي. سپريم ڪورٽ چيو ته جوابدار زاهد محمود تي هڪ تڪراري واٽس ايپ گروپ ۾ شامل هجڻ جو الزام آهي. پوسٽ عربي ۾ آهي پر جاچ سان ثابت نه ٿيو ته دانهيندڙ کي عربي اچي ٿي يا نه. دانهيندڙ کي پوسٽ بابت ڪيئن خبر پئي؟ جاچ ۾ ان بابت به نه ٻڌايو ويو عدالت توهين مذهب جي مبينا جوابدار کي هڪ لک رپين جي مچلڪن عيوض ضمانت تي آزاد ڪري ڇڏيو واضح رهي ته ايف آءِ اي سائبر ڪرائم ونگ ملتان 6 جون 2022 تي جوابدار خلاف شڪايت تي ڪيس داخل ڪيو هو. ٽرائل ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جوابدار جي ضمانت رد ڪئي هئي.

بقايا *** 24

اي جيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ سکر اسمال ٽريڊرز. سکر ڊيولپمنٽ الائنس جي اڳواڻن علامه نور احمد قاسمي، بابر فاروقي، عيدن جاڳيراڻي، عبدالباري انصاري، محمد رضوان قادري، شاهه محمد انڍهڙ، آغا محمد اڪرم دراني، ڊاڪٽر سعيد اعوان، امداد جهنڊير، انيس خان، فقير رمضان ڪوراڻي، عبدالڪريم سومرو، اسلام نور خان، عبدالستار نوناري سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي حاجي محمد جاويد ميمڻ اسٽيپ فائونڊيشن جيئر پرسن شائستا ڪوسو ڊاڪٽر سعيد احمد اعوان رضوان قادري ۽ ٻين جو چوڻ هو ته آرمي پبلڪ اسڪول پشاور ۾ سفاڪ دهشتگرد عناصرن تعليم جي دوران حملو ڪري مستقبل جي معمارن . معصوم ٻارڙن ۽ اسان جي مستقبل کي اونداهو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش. جهڙي طرح معصوم ٻارن پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري دهشتگردن جو مقابلو ڪيو ان تي پوري قوم سلام پيش ڪري ٿي. آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي شهيدن کي قوم ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي، وطن عزيز پاڪستان جي استحڪام، سلامتي، خوشحالي ۽ امن جي لاءِ پاڪ فوج، سيڪيورٽي فورسز جي ادارن جا قدم ساراهه جوڳا آهن. اسان وطن عزيز پاڪستان جي سلامتي، امن، استحڪام، خوشحالي جي لاءِ پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا آهيون. ۽ وطن جي خاطر وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ کان به نه ڪيٻائينداسين. ريلي ۾ شهيدن جي ايصال ثواب جي لاءِ فاتحه خواني ۽ دعا پڻ ڪئي وئي.

بقايا *** 25

جي علائقي مختار ڪالوني ۾ هيانءُ ڏاريندڙ واقعو پيش آيو جتي وحشي جوابدار شادي کان انڪار ڪرڻ تي عورت جون ٻئي ٽنگون ڪٽي ڇڏيون ۽ فرار ٿي ويو. پوليس موجب واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پر عورت 15 ڏينهن ڪانپوءِ پوليس کي اطلاع ڏنو جنهن بعد ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته مک جوابدار اڃا تائين فرار آهي. پوليس اختيارين موجب عورت جو چوڻ آهي ته جاويد نالي هڪ شخص ساڻس شادي ڪرڻ چاهي ٿو ۽ زور پري رهيو هو. اختيارين جو چوڻ آهي ته جوابدار جاويد عورت کي بهاني سان گهر گهرايو ۽ هڪ ڀيرو ٻيهر شادي جي آڇ ڪئي پر جڏهن عورت انڪار ڪيو ته جوابدار ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ تکي اوزار سان سندس ٻئي ٽنگون ڪٽي ڇڏيون. متاثر عورت سيٽلائيٽ ٽائون ٿاڻي ۾ درخواست داخل ڪئي آهي ۽ مک جوابدار جاويد کي نامزد ڪيو آهي.

بقايا *** 26

آهن جڏهن ته ٻاهه تي قابو آندو ويو رپورٽ موجب گهرو وزير جيرارڊ درمانين چيو ته ٻاهه لڳڻ سبب اڃا تائين معلوم ناهي ٿي سگهي جڏهن ته ان سلسلي ۾ تفصيلي جاچ شروع ڪئي ويندي. فرانسيسي گهرو وزير موجب مرندڙ ٻارن جي عمر 3 کان 15 سال هئي. هنن فائر فائيٽرز جي ڪمن جي تعريف ڪئي جن ماڻهن کي مرڻ کان بچايو.

بقايا *** 27

جوڙڻ لاءِ تعميري سرگرميون" (BHFA) واري پروگرام تحت سنڌ ۽ خيبرپختونخواه ۾ بنيادي صحت جي نظام جو دائرو وڌائڻ ۽ ان ۾ بهتري آڻڻ جو ڪم ڪيو ويندو ان لاءِ آمريڪي سرڪار طرفان 4 ڪروڙ ڊالرز جا امدادي فنڊ جاري ڪيا ويا آهن. هن سرگرمي سان پاڪستان ۾ رضاڪاراڻي خانداني رٿابندي، ذهني صحت، ماءُ ۽ تازو ڄاول ٻارن سوڌو ٻين ٻارن لاءِ صحت جي سارسنڀال ۽ طبي خدمتن کي بهتر توڙي جديد معيارن پٽاندڙ بڻائڻ ۾ مدد ملندي. ان موقعي تي ويچار ونڊيندي مشن ڊائريڪٽر ايشليمن جو چوڻ هو ته "آمريڪا جي سنڌ حڪومت سان ڊگهي عرصي کان تاريخي ڀائيواري جاري آهي. جڏهن ته يو ايس ايڊ ان گڏيل ڀائيواري کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ جو ارادو رکي ٿي. جيئن ته اسان جي هن ٻطرفي ڀائيواري کي بنيادي ورثي جي حيثيت حاصل آهي. انهي ڀائيواري ۾ عام ماڻهن جي حياتين کي محفوظ ۽ بهتر بڻائڻ لاءِ گڏيل مقصدن جي متاستا به ڪئي وئي آهي. تقريب ۾ سنڌ جي صحت جي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو يو ايس ايڊ وسيلي سهڪار جاري رکڻ تي آمريڪي سرڪار جا ٿورا مڃيا. جڏهن ته سنڌ ۾ صحت جي سارسنڀال ۽ علاج ۾ بهتري آڻڻ لاءِ سنڌ سرڪار جي ڪوششن توڙي اپائن کي به اجاگر ڪيو "صحتمند خاندان جوڙڻ لاءِ تعميري سرگرميون" (BHFA) واري پروگرام جو ڪم صحت ۽ علاج جون هڪجهڙيون سهولتون فراهم ڪرڻ سميت پٺتي پيل ۽ ڏورانهن علائقن ۾ آبادي کي معياري علاج تائين سولائي سان پهچ ڏيڻ آهي. گڏوگڏ نوجوانن، عورتن ۽ ڇوڪرين جي طبي ضرورتن جو به پورائو ڪيو ويندو.

بقايا *** 28

ڪرنسي جي ڊي وٽ 224 رپين 94 پئسن تي بند ٿي. گذريل ڏينهن انٽر بئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت 224 رپيا 71 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي هئي. اسٽيٽ بئنڪ موجب هلندڙ ڪاروباري هفتي دوران انٽر بئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ 54 پئسا واڌ ٿي آهي. هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي وڪري جي قيمت 234 رپيا آهي.

بقايا *** 29

۾ سون جو قدر 4 ڊالر وڌڻ سان 1782 ڊالر في اونس آهي.

بقايا *** 30

اگهه وٺڻ جو ڊي سي زين العابدين ميمڻ نوٽيس ورتو. ڊي سي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورخاص حسين ڪوسو ۽ مختيارڪار راشد ميئو زراعت کاتي جي ٽيم ۽ پوليس سميت ميرپورخاص رنگ روڊ تي مختلف ڊيلرن جي ڀاڻ جي گدامن تي ڇاپا هڻي 7 گدام سيل ڪري ڇڏيا. جيڪي گدام شهر جي مک ڊيلرن پرڪاش، عابد قائمخاني ۽ راجا جا آهن. گدامن ۾ سونا يوريا، ڊي اي پي، زبردست يوريا ۽ ٻين ڪمپنين جي ڀاڻ جون هزارين بوريون پيل آهن. جڏهن ته راجا سرفراز ڊيلر جي گدام مان مدي خارج ڀاڻ جو سوين بوريون هٿ آيون. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر حسين ڪوسو ٻڌايو ته ڊي سي جي هدايتن تي ڇاپا هڻي گدام سيل ڪيا آهن. گدامن ۾ پيل ڀاڻ سرڪاري اگهه تي آبادگارن کي ڏنو ويندو. ذخيرو ڪندڙ ڊيلرن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. ٻئي طرف اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقو حسين بخش مري يونس رند پڻ هڪ گدام کي سيل ڪيو. رابطو ڪرڻ تي ڊي سي زين العابدين ميمڻ ٻڌايو ته ضلعي ۾ بليڪ تي ڊيلر ڀاڻ وڪرو ڪري رهيا هئا. ڀاڻ جي هٿرادو کوٽ پيدا ڪري ڀاڻ ذخيرو ڪيو ويو. شڪايتون ملڻ بعد ذخيرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. تعلقن جي سيني اي سيز کي هدايت ڪئي آهي ته ڀاڻ بليڪ تي وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪري آبادگارن کي سرڪاري اگهه تي ڀاڻ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا *** 31

آهن. ڪراچي ۾ چيني شهرين کي به نشانو بڻايو ويو. بلوچستان ۾ به عدم استحڪام پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. پاڪستان ۾ دهشتگردي جي ذميوار عنصرن کي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. نيويارڪ ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پاڪستان جي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته دهشتگردي خلاف پاڪستان جون قربانيون ڪنهن کان به گهٽ نه آهن. دهشتگردي جي خاتمي لاءِ قومي لائحه عمل تحت ٺوس قدم کنيا ويا آهن ۽ فيٽف ۾ پڻ دهشتگردن جي مالي مدد روڪڻ جي لاءِ ڪيترائي قدم کنيا آهن. هن چيو ته بينظير ڀٽو شهيد دهشتگردن جي ڌمڪين باوجود جمهوريت لاءِ جدوجهد جاري رکي ۽ منهنجي والده محترمه بينظير ڀٽو جيڪا مسلمان دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم هئي. ان کي دهشتگردن شهيد ڪيو. هن چيو ته نه سيٺي مسلمان دهشتگرد آهن ۽ نه ئي سيٺي جو تعلق ان سان ڳنڍي سگهجي ٿو. هن چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردي جي لاءِ ٻاهرئين مدد ڪئي وئي. هن چيو ته جوهر ٽائون لاهور واقعي ۾ ڀارت جا ترديد نه ٿيڻ جوڳا ثبوت موجود آهن. بلوچستان ۾ به عدم استحڪام پيدا ڪرڻ جي لاءِ ٻاهريان هٿ ملوث آهن. هن چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪندڙ ٻاهرئين هٿن کي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. ٻوڏ جي حوالي سان بلاول ڀٽو زرداري چيو ته سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ اڃا به پاڻي بيٺل آهي. جنيوا ۾ 9 جنوري تي عالمي تعاون جي حوالي سان ڪانفرنس ٿي رهي آهي. هن چيو ته آئون ڀارت کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اسامه بن لادن مارجي چڪو آهي پر گجرات جو ڪاسائي اڃا موجود آهي ۽ اهو وزيراعظم بڻجي ويو آهي. هن چيو ته ڀارتي حڪومت گانڌي جي نه پر گانڌي جي قاتلن جي نظرين تي يقين رکي ٿي. هن چيو ته موجوده ڀارت جي حڪومت هٽلر کان متاثر آهي ۽ ان سان خطو پڻ متاثر ٿي رهيو آهي.

بقايا *** 32

اي جيئرمين حاجي محمد جاويد ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ سکر اسمال ٽريڊرز. سکر ڊيولپمنٽ الائنس جي اڳواڻن علامه نور احمد قاسمي، بابر فاروقي، عيدن جاڳيراڻي، عبدالباري انصاري، محمد رضوان قادري، شاهه محمد انڍهڙ، آغا محمد اڪرم دراني، ڊاڪٽر سعيد اعوان، امداد جهنڊير، انيس خان، فقير رمضان ڪوراڻي، عبدالڪريم سومرو، اسلام نور خان، عبدالستار نوناري سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي حاجي محمد جاويد ميمڻ اسٽيپ فائونڊيشن جيئر پرسن شائستا ڪوسو ڊاڪٽر سعيد احمد اعوان رضوان قادري ۽ ٻين جو چوڻ هو ته آرمي پبلڪ اسڪول پشاور ۾ سفاڪ دهشتگرد عناصرن تعليم جي دوران حملو ڪري مستقبل جي معمارن . معصوم ٻارڙن ۽ اسان جي مستقبل کي اونداهو ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش. جهڙي طرح معصوم ٻارن پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري دهشتگردن جو مقابلو ڪيو ان تي پوري قوم سلام پيش ڪري ٿي. آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي شهيدن کي قوم ڪڏهن به وساري نٿي سگهي. ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي، وطن عزيز پاڪستان جي استحڪام، سلامتي، خوشحالي ۽ امن جي لاءِ پاڪ فوج، سيڪيورٽي فورسز جي ادارن جا قدم ساراهه جوڳا آهن. اسان وطن عزيز پاڪستان جي سلامتي، امن، استحڪام، خوشحالي جي لاءِ پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺا آهيون. ۽ وطن جي خاطر وڏي کان وڏي قرباني ڏيڻ کان به نه ڪيٻائينداسين. ريلي ۾ شهيدن جي ايصال ثواب جي لاءِ فاتحه خواني ۽ دعا پڻ ڪئي وئي.

بقايا *** 33

تي ڪراچي پوليس چيف جاويد عالم اوڍي پريس ڪانفرنس ڪئي. هن چيو ته بلال ناصر جي موت ڪانپوءِ ايس ايس پي ايسٽ جي ٽيم ڪم شروع ڪري ڇڏيو هو. سي سي ٽي وي فوٽيجز ۽ ٻين شاهدين جي مدد سان هڪ جوابدار نظام کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. سندس عمر 16 سال آهي. هن چيو ته جوابدار نظام الدين افغان شهري آهي. جيڪو جمالي ڳوٺ جو رهواسي آهي. ٻئي جوابدار جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي. ان کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو. جڏهن ته سندس مائٽن کي به جاچ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سندس چوڻ هو ته ڏوهن ۾ واڌ جو سبب ملڪ ۾ وڌندڙ بيروزگاري ۽ غربت به آهي. جڏهن ته غير قانوني طور ڪراچي ۾ رهندڙ افغان شهرين کي قانون جي ضابطي ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي پوليس چيف وڌيڪ چيو ته شهر ۾ ٻارن سان زيادتي جا واقعا به وڌيا آهن. نومبر ۽ ڊسمبر ۾ 22 ڪيس ٿيا، جن ۾ 4 ٻارن کي قتل ڪيو ويو. 21 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جاويد عالم اوڍي چيو ته هلندڙ سال دوران زيادتي جي ڪُل 251 واقعن ۾ ٻار قتل ٿيا ۽ 251 مان 225 ڪيس حل ڪيا ويا. 233 جوابدار پڪڙيا ويا. هلندڙ سال 825 پوليس مقابلا ٿيا. 118 جوابدار پوليس مقابلن ۾ ماريا ويا. 937 جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيا.

بقايا *** 34

جوڙڻ لاءِ تعميري سرگرميون" (BHFA) واري پروگرام تحت سنڌ ۽ خيبرپختونخواه ۾ بنيادي صحت جي نظام جو دائرو وڌائڻ ۽ ان ۾ بهتري آڻڻ جو ڪم ڪيو ويندو ان لاءِ آمريڪي سرڪار طرفان 4 ڪروڙ ڊالرز جا امدادي فنڊ جاري ڪيا ويا آهن. هن سرگرمي سان پاڪستان ۾ رضاڪاراڻي خانداني رٿابندي، ذهني صحت، ماءُ ۽ تازو ڄاول ٻارن سوڌو ٻين ٻارن لاءِ صحت جي سارسنڀال ۽ طبي خدمتن کي بهتر توڙي جديد معيارن پٽاندڙ بڻائڻ ۾ مدد ملندي. ان موقعي تي ويچار ونڊيندي مشن ڊائريڪٽر ايشليمن جو چوڻ هو ته "آمريڪا جي سنڌ حڪومت سان ڊگهي عرصي کان تاريخي ڀائيواري جاري آهي. جڏهن ته يو ايس ايڊ ان گڏيل ڀائيواري کي وڌيڪ سگهارو بڻائڻ جو ارادو رکي ٿي. جيئن ته اسان جي هن ٻطرفي ڀائيواري کي بنيادي ورثي جي حيثيت حاصل آهي. انهي ڀائيواري ۾ عام ماڻهن جي حياتين کي محفوظ ۽ بهتر بڻائڻ لاءِ گڏيل مقصدن جي متاستا به ڪئي وئي آهي. تقريب ۾ سنڌ جي صحت جي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو يو ايس ايڊ وسيلي سهڪار جاري رکڻ تي آمريڪي سرڪار جا ٿورا مڃيا. جڏهن ته سنڌ ۾ صحت جي سارسنڀال ۽ علاج ۾ بهتري آڻڻ لاءِ سنڌ سرڪار جي ڪوششن توڙي اپائن کي به اجاگر ڪيو "صحتمند خاندان جوڙڻ لاءِ تعميري سرگرميون" (BHFA) واري پروگرام جو ڪم صحت ۽ علاج جون هڪجهڙيون سهولتون فراهم ڪرڻ سميت پٺتي پيل ۽ ڏورانهن علائقن ۾ آبادي کي معياري علاج تائين سولائي سان پهچ ڏيڻ آهي. گڏوگڏ نوجوانن، عورتن ۽ ڇوڪرين جي طبي ضرورتن جو به پورائو ڪيو ويندو.

بقايا *** 35

تي ڪراچي پوليس چيف جاويد عالم اوڍي پريس ڪانفرنس ڪئي. هن چيو ته بلال ناصر جي موت ڪانپوءِ ايس ايس پي ايسٽ جي ٽيم ڪم شروع ڪري ڇڏيو هو. سي سي ٽي وي فوٽيجز ۽ ٻين شاهدين جي مدد سان هڪ جوابدار نظام کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. سندس عمر 16 سال آهي. هن چيو ته جوابدار نظام الدين افغان شهري آهي. جيڪو جمالي ڳوٺ جو رهواسي آهي. ٻئي جوابدار جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي. ان کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو. جڏهن ته سندس مائٽن کي به جاچ ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سندس چوڻ هو ته ڏوهن ۾ واڌ جو سبب ملڪ ۾ وڌندڙ بيروزگاري ۽ غربت به آهي. جڏهن ته غير قانوني طور ڪراچي ۾ رهندڙ افغان شهرين کي قانون جي ضابطي ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. ڪراچي پوليس چيف وڌيڪ چيو ته شهر ۾ ٻارن سان زيادتي جا واقعا به وڌيا آهن. نومبر ۽ ڊسمبر ۾ 22 ڪيس ٿيا، جن ۾ 4 ٻارن کي قتل ڪيو ويو. 21 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جاويد عالم اوڍي چيو ته هلندڙ سال دوران زيادتي جي ڪُل 251 واقعن ۾ ٻار قتل ٿيا ۽ 251 مان 225 ڪيس حل ڪيا ويا. 233 جوابدار پڪڙيا ويا. هلندڙ سال 825 پوليس مقابلا ٿيا. 118 جوابدار پوليس مقابلن ۾ ماريا ويا. 937 جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيا.

بقايا *** 36

آهن. ڪراچي ۾ چيني شهرين کي به نشانو بڻايو ويو. بلوچستان ۾ به عدم استحڪام پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. پاڪستان ۾ دهشتگردي جي ذميوار عنصرن کي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. نيويارڪ ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پاڪستان جي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته دهشتگردي خلاف پاڪستان جون قربانيون ڪنهن کان به گهٽ نه آهن. دهشتگردي جي خاتمي لاءِ قومي لائحه عمل تحت ٺوس قدم کنيا ويا آهن ۽ فيٽف ۾ پڻ دهشتگردن جي مالي مدد روڪڻ جي لاءِ ڪيترائي قدم کنيا آهن. هن چيو ته بينظير ڀٽو شهيد دهشتگردن جي ڌمڪين باوجود جمهوريت لاءِ جدوجهد جاري رکي ۽ منهنجي والده محترمه بينظير ڀٽو جيڪا مسلمان دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم هئي. ان کي دهشتگردن شهيد ڪيو. هن چيو ته نه سيٺي مسلمان دهشتگرد آهن ۽ نه ئي سيٺي جو تعلق ان سان ڳنڍي سگهجي ٿو. هن چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردي جي لاءِ ٻاهرئين مدد ڪئي وئي. هن چيو ته جوهر ٽائون لاهور واقعي ۾ ڀارت جا ترديد نه ٿيڻ جوڳا ثبوت موجود آهن. بلوچستان ۾ به عدم استحڪام پيدا ڪرڻ جي لاءِ ٻاهريان هٿ ملوث آهن. هن چيو ته پاڪستان ۾ دهشتگردي ڪندڙ ٻاهرئين هٿن کي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. ٻوڏ جي حوالي سان بلاول ڀٽو زرداري چيو ته سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪيترن ئي علائقن ۾ اڃا به پاڻي بيٺل آهي. جنيوا ۾ 9 جنوري تي عالمي تعاون جي حوالي سان ڪانفرنس ٿي رهي آهي. هن چيو ته آئون ڀارت کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اسامه بن لادن مارجي چڪو آهي پر گجرات جو ڪاسائي اڃا موجود آهي ۽ اهو وزيراعظم بڻجي ويو آهي. هن چيو ته ڀارتي حڪومت گانڌي جي نه پر گانڌي جي قاتلن جي نظرين تي يقين رکي ٿي. هن چيو ته موجوده ڀارت جي حڪومت هٽلر کان متاثر آهي ۽ ان سان خطو پڻ متاثر ٿي رهيو آهي.

بقايا سنڌيار 01

آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي ياد ۾ ڏهاڙو ملهايو ويو ان موقعي تي آرمي پبلڪ اسڪول جي معصوم شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ شاگردن پاران شهيدن جي تصويرن آڏو گل نڇاور ڪري ميڻ بتيون ۽ ڏيئا ٻاري ڀيٽا پيش ڪئي وئي جڏهن ته شاگردن ۾ تقريرن جا مقابلا پڻ ڪرايا ويا ان موقعي تي مبشر اسڪول آف ايڪسيلينس جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ظهير احمد عباسي ڳالهائيندي چيو ته 16 ڊسمبر 2014 تي آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي حملي وارو واقعو ڏکوئيندڙ هيو جنهن ۾ معصوم گلن جهڙن ٻارڙن کي شهيد ڪيو ويو هن چيو ته ملڪ دشمنن معصوم ٻارن کي نشانو بڻايو پر پاڪستاني ٻارن دشمن جي خوف ۾ اچڻ بدران تعليم جي ذريعي ملڪ دشمنن کي ڀرپور جواب ڏيندي ٻڌايو ته هو اهڙن واقعن کان ڊڄڻ بدران پنهنجي تعليم جاري رکي ملڪ جي خدمت ڪندا

بقايا سنڌيار 02

پينل جا عهديدار چونڊيا ويا جنهن ۾ صدر نعمت الله نهڙيو. سينئر وائيس صدر نيڪ محمد نهڙيو. سينئر وائيس صدر ميل عبداللطيف چانڊيو. سينئر وائيس صدر فيمل عائشه نهڙي، جنرل سيڪريٽري محب نهڙيو. جوائينٽ سيڪريٽري گلاب راءِ ڀيل. فنانس سيڪريٽري احمد بلوچ. پريس سيڪريٽري عنايت نهڙيو. ۽ آفيس پاون داس ميگهواڙ کي چونڊيو ويو. ان موقعي تي چونڊجي آيل گسٽا تعلقي ڪلوئي جي اڳواڻن جو چوڻ هو ته استادن جي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ڪنداسين ۽ تعلقي ڪلوئي جي اسڪول ۾ بهترين تعليم لاءِ ڪوششون ونداسين

بقايا سنڌيار 03

وئي هئي جيڪا خراب ٿيل ڪٽڪ نئين بارداني ۾ ڀري ٽرڪن جي ذريعي سرڪار ڏانهن موڪلي لکين رپين جي ڪرپشن واري خبر ميڊيا تي هلڻ ۽ وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ نيب نوٽيس ورتو ۽ فوڊ سينٽر تي ڇاپو هنيو. جنهن دوران هزار کان وڌيڪ ڪٽڪ جون ٻوريون فوڊ سينٽر تان غائب هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي نيب سکر ٽيم سلطانپور ۾ فوڊ سينٽر تي ڇاپو هنيو، جتي هزار کان وڌيڪ ڪٽڪ جون ٻوريون غائب هيون خراب ٿيل ڪٽڪ جو جائزو ورتو ۽ ڪرپشن جا ثبوت هٿ ڪري واپس موٽي وئي، برسات سبب ڪٽڪ خراب ٿي وئي آهي ڪابه خرد برد ناهي ڪئي فوڊ انسپيڪٽر هٿي طرف نيب سکر ٽيم ميڊيا کي موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جيڪي بنا موقف ڏيڻ جي روانا ٿي ويا

بقايا سنڌيار 04

شاهه لاءِ چيئرمين جي اميدوار مولانا محمد رفيق الحسيني ۽ محمد بلوچ سميت ٻين اڳواڻن سان ملاقات به ڪئي. شيخ محمد فيروز يوسي 11 ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ ۽ انهن جي نگراني ڪرڻ تي مقامي اڳواڻن جا ٿورا مڃيا ۽ انهن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار پڻ ڪيو ان موقعي تي اڳوڻو ڪائونسلر رفيق بلوچ، ميڊيا سيل انچارج عبدالله، سلطان همدرد ۽ شيخ محمد فريد سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 05

بنائڻ بعد سيني ۽ ٻانهن تي ڇرين جا وار ڪري قتل ڪرڻ چاهيون عورت جي رڙين تي پاڙي وارن مسمات انيلان جي جان بچائي ورتي جڏهن ته زخمي ٿيل عورت ڳنڀير جوڳي حالت ۾ پريا اسپتال داخل مڙس گهر جو خرچ به نه ڏيندو هيو چار سال کان تشدد جونشانو بڻائيندو هيو مان گهران ڪاوڙجي پاڙي جي گهر ۾ پناهه ورتي ته مڙس ڇرين جا وار ڪري قتل ڪرڻ چاهيو جان بچائي ٿاڻي تي پهتس جڏهن ته ٻئي پاسي پريا پوليس زال کي مبينا طور قتل ڪرڻ جي الزام ۾ مڙس عامر ڪلهوڙو کي گرفتار حراست ۾ ورتو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا سنڌيار 06

تحت ڪيس داخل. خبر موجب سرحد پرسان آنڌل سندراڻي پوليس خفيه اطلاع تي وسطي قطب الدين شاهه وٽ ڪاروائي ڪري ملتان واسي شاڪر شيخ کي 4چار ڪلو چرس سميت گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ پوليس پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته آنڌل سندراڻي پوليس خفيه اطلاع تي ڪاروائي ڪري ملتان پنجاب واسي جوابدار شاڪر شيخ کي چار ڪلو چرس سميت گرفتار ڪري آنڌل سندراڻي ٿاڻي تي لاڪپ ڪيو ويو آهي پوليس موجب ته جوابدار مٿان آنڌل سندراڻي ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 07

۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي مطالبن جي حق ۾ نعريبازي ڪئي وئي، جتي ڳالهائيندي هنن چيو ته غريب مزدورن جا جائز پروموشن نٿا ڪيا وڃن. اربين روپين جي مشينري تباهه ٿي رهي آهي جنهن لاءِ فنڊ جاري ڪيا وڃن ۽ هلندڙ مشينري تي رڪوري ڪئي وڃي. آفيسر جيڪي ناجائز طور مشينون هلائي رهيا آهن انهن کي بند ڪيو وڃي ۽ جيڪي مشينون ڊويزن مان گم ڪيون ويون آهن انهن جي رڪوري ڪرائي وڃي. رٽائرڊ ملازمن کي گروپ انشورنس ڏنو وڃي. رٽائرڊ ملازمن جي اولاد کي ڪوٽا تحت نوڪريون ڏنيون وڃن. هلندڙ اسڪيم تي ورڪ چارج تي ماڻهو رکيا وڃن جن ۾ اوليت رٽائرڊ ۽ سينيئر ملازمن جي اولاد کي ڏني وڃي. ٻين ادارن جيان هاءِ ويز ملازمن جون پوسٽون اپگريڊ ڪيون وڃن هاءِ ويز ملازمن کي يوٽيلٽي الائونس ڏنو وڃي. هڪ کان 4 گريڊ جي ملازمن کي پنهنجي ضلعن ۾ مقرر ڪيو وڃي. هنن چيو ته مسلسل اسان جي مطالبن کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري مجبور ٿي شهيدن جي مزار تي ڪين دانهن ڏيڻ لاءِ پهتا آهيون. هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ سگهارو ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 08

ملڻ تي MPA محمد ساجد جوکيو جي ان ڪم کي ساراهيندي چيو ته اسان محمد ساجد جوکيو KDA کي ڊي اي ، DG محمد علي شاهه چيف انجنيئر نديم اقبال سپرنٽنڊنٽ انجنيئر KDA طارق رفيع صاحب ، ڪنٽريڪٽر ۽ KDA جي سموري ٽيم جا ٿورائتا آهيون انهن پنهنجي زير نگراني ۾ روڊ ٺهرائي پيري ۽ ٻين نزديڪ جي ڳوٺن کي سهولت ڪرائي ۽ بهترين طريقي سان روڊ جو ڪم ڪرايو اسان پيري جي رهواسين MPA محمد ساجد جوکيو صاحب ۽ KDA کي ڊي اي DG محمد علي شاهه ۽ ان جي ٽيم مان يونين ڪونسل پيري ۾ وڌيڪ ترقياتي ڪمن جي اميد رکون ٿا ان موقعي تي عوام جو صحافين سان ڳالهائيندي چوڻ هو ته ڪافي عرصي کان پيري بالخصوص سنڌي ڳوٺ کان نصيرآباد موڙ مين نيشنل هائي وي تائين انتهائي خراب صورتحال ۾ هيو پيري جي عوام کي تڪليف سان منهن ڏيڻو پوندو هو هاڻي MPA صاحب ۽ KDA جي تعاون سان روڊ کي سٺي ۽ بهتر نموني سان ٺاهيو.

بقايا سنڌيار 09

پوليس طرفان ڏوهن ۽ ڏوهارين خلاف تيزي سان گهيرو تنگ ٿيڻ وارو سلسلو بدستور جاري آهي ان حوالي سان مختلف ٿاڻن کي ڏهن کان وڌيڪ ڪيسن ۾ گهربل ۽ 5 لک انعام يافته چتو منگي جي رهواسي ڏوهاري عمران پٽ محبوب عرف ڪانڊيرو ڏاهاٽي کي ڊي ايس پي ڳڙهي ياسين امتياز کهاوڙ ۽ ايس ايڇ او ڏکڻ وڪيل جعفري جي اڳواڻي ۾ پوليس پاران چتو منگي لڳ ٽيڪنيڪل ٽيم جي مدد ۽ ڳجهي اطلاع تي ڪاروائي ڪري گرفتار ڪيو ويو آهي جنهن مٿان 10 ڪيس داخل آهن ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي جو چوڻ آهي ته ڏوهاري ڪيترو به لڪي يا ڀڄي پر پوليس جي پڪڙ کان بچي نه سگهندو آهي ڏوهاري ڏوهن جي واٽ تي هلندا ته پوليس مقابلا سندن منطقي انجام ثابت ٿيندام

بقايا سنڌيار 10

جنهن ۾ سياسي سماجي شخصيتن کي ٽيئر فنڊ انٽرنيشنل جي طرفان ڪارڪردگي جي حوالي سان بريفنگ ڏني ويئي پروگرام ۾ ٽيئر فنڊ فائونڊيشن جي ڪمن کي ساراهيو ويو ان موقعي تي رضوان جليل جنيد بشير عاشر لاڪل انصاف علي بلوچ چيو ته اڄ جي ڏينهن تي ڪارو ڏينهن ملهائڻ لاءِ پروگرام ڪيو جنهن 16 ڊسمبر پشاور واري سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي ويئي ڪرن جي ٽيم جي اڳواڻ سليم جي ميمڻ يامين خاصخيلي چيئرمين امير بخش خاصخيلي ڳالهائيندي چيو ته اڄ جو ڏينهن ڏاڍو ڏکوئيندڙ آهي جنهن ۾ ڪيترا ماڻهون شهيد ٿيا پشاور جي سانحي اڄ ڏک تازا ڪري ڇڏيا اسان ان ڏينهن کڏهن به وساري نٿا سگهون انهن چيو اڄ اسان جي تنظيم ڪارو ڏينهن ملهايو آهي پروگرام ۾ پنج منٽ خاموشي ڪئي ويئي ۽ شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي ويئي

بقايا سنڌيار 11

۾ معصوم نينگر 12 ساله معمر پٽ خان محمد موچي ۽ فرقان پٽ محمد رمضان موچي پنهنجي گهر وڃي رهيا هئا ته حادثوپيش آيو حادثي سبب 12 ساله معصوم نينگر معمر پٽ خان محمد موچي ٿڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته 10 سال معصوم نينگر فرقان سخت زخمي هجڻ ڪري ڳنڀير جوڳي حالت ۾ نواب شاهه اسپتال داخل ڪيو ويو حادثي ۾ فوت ٿيل نينگر ۽ زخمي ٿيل نينگر وارڊ نمبر چار جا رهواسي هيا نينگر جو لاش گهر پهچڻ وقت ڪهرام پريا ٿي ويو پرياروڊ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ۽ ٽريڪٽرٽرالي کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو

بقايا سنڌيار 12

سٿرائي واري ڪم کي تيز ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ ميونسپل ڪمشنر سيد امداد علي شاهه صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڊي سي لاڙڪاڻو جي هدايتن تي شهر جي مختلف پارڪن جو هلندڙ ترقياتي ڪم تيز ڪيو ويو آهي ۽ شهر اندر صفائي سٿرائي جي نظام کي پڻ بهتر ڪيو ويو آهي. ان موقعي تي ذوالفقار ابڙو، صداقت حسين جوڻيجو، صابر عباسي، عبدالوهاب چچر، ضياءالدين پٽو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 13

ٻجا برادري پاران زمين تي قبضو ڪرڻ ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين تلسي بجاڻي خادم مگڻهار ۽ ٻين ميڊيا اڳيا داهيندي چيو ته اسان کي هتي زمين تي پنجاهه سال ٿي ويا آهن هاريپو ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندا آهيون پر اسان کي ٻجا برادري جا ماڻهون ڪنهن بااثر جي چرچ تي اسان جي زمين تي ڪم نٿا ڪرڻ ڏين زمين تي ڪٽڪ جي آبادي لڳائڻ لاءِ زمين تي وياسين ته اتي هٿيار ۽ ڪهاڙيون کڻي اچي ڌمڪيون ڏنيون ۽ زمين کي آباد ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏنيون آهين اسان اهڙي اطلاع اسان جي زميندار کي پڻ ڏيندا پيا اچون ۽ ترجي هر نيڪ ماڻهون وٽ وڃي ٻجا برادري جي ماڻهن جون شڪايتون به ڏيندا پيا اچون جڏهن ته هاڻ ايتري قدر جو موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته هاڻ هن زمين تان لڏي وڃو نا ته توهان جي گهرن کي باهيون ڏينداسين اسان زمينن ۾ جيڪا به آبادي لڳايون ٿا ان آبادي کي نقصان رسائڻ لاءِ چوپايو مال ڇڏي ڏيندا آهين جيڪو اسان کي نقصان رسي ٿوجڏهن ته اسان ڊيزل وٽي ٽيوب ويل هلائي زمين تي پاڻي هلايوسين ته ٻجا برادري جا ماڻهون هٿيار ۽ لٺيون کڻي زمين ڪاهڻ تان منع ڪري ڇڏيو آهي وڌيڪ هنن چيو ته اسان کي هلندڙ ڪيس بااثر جي چرچ تي هٿ ڪٽڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهين اسان بي يارو مددگار پنهنجي زرعي زمين تي ويٺا آهيون هڪ پاسي اسان جي روزي آهي ٻي پاسي زمين جي سار سنڀال اسان جي زميواري آهي زميندار اسان وٽ چوي ڪلاڪ ته گڏ ناهي هوندو جيڪو اسان جي هر وقت سار اچي لهي اسان چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ اعلي اختيارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 14

ڪيڪ ڪاٽيو ويو (ڪوٽڏيجي رپورٽ لعل بخش گوپانگ) سالگره جي پروگرام ۾ ڊاڪٽر حسن شاهه،پيپلز پارٽي ڪنب جو صدر الاهي بخش لاشاري، يوسي فتح پور جو وائيس چيئرمين عبدالرزاق لاشاري ، يوسي جسڪاني جو صدر قوٽو خان خاصخيلي، شيرمحمد گوپانگ،صحافي رمضان اڄڻ ،وزير ٽيبو ، جميل راجپوت، شمشاد آرائين،صحافي غلام شبير سومرو،پي پي ورڪر شهباز علي لاشاري ، ڪامران وساڻ، منظور وساڻ، منصور بگٽي، سڪندر وساڻ، عمران بگٽي، شفقت خاصخيلي، علي حسن ٻرڙي، پيار علي لاشاري ان کان علاوه سياسي سماجي اڳواڻن شهرين ورڪرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي آصف علي آرائين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته اسان ڪوٽ ڏيجي وارا خوش نصيب آهيون جو اسان کي اهڙا بهترين اڳواڻ مليا آهن جيڪي اسان جي هر ڏک سک ۾ اسان سان گڏ هوندا آهن بئريسٽر هالار خان وساڻ ۾ اها هر خوبي آهي جيڪا هڪ بهترين سياستدان ۾ هوندي آهي آخر ۾ سيني بئريسٽر هالار خان وساڻ جي وڏي ڄمار لاءِ دعا گهري

بقايا سنڌيار 15

پوليس گرفتار ڪري ورتو جوابدار ميڊيا اڳيان اعتراف ڪندي چيو ته زاهد ٿنيو غلط لاڳاپا رکڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي کيس قتل ڪيو هوڏانهن پريس ڪانفرنس ڪندي ڊي ايس پي پريا لونگ خان شر ايس ايڇ او منير لغاري ۽ جاچ آفيسر سانوڻ ڪلهوڙو چيو ته جوابدار وٽان پسٽل ۽ موبائيل فون ۽ ڏوهه ۾ استعمال ٿيل موٽرسائيڪل پڻ هٿ ڪري ورتي آهي جوابدار کي اڄ پريا جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو ان کان اڳ مقتول جي سئوٽ جي فرياد تي ٻه نامعلوم جوابدارن تي قتل جو ڪيس پڻ پرياسٽي ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي.

بقايا سنڌيار 16

پبلڪ اسڪول پشاور جي ياد ۾ ڏهاڙو ملهايو ويو ان موقعي تي آرمي پبلڪ اسڪول جي معصوم شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ شاگردن پاران شهيدن جي تصويرن آڏو گل نڇاور ڪري ميڻ بتيون ۽ ڏيئا ٻاري ڀيٽا پيش ڪئي وئي جڏهن ته ان موقعي تي سيد عابد علي شاهه ۽ سيد ساجد علي شاهه بخاري ڳالهائيندي چيو ته 16 ڊسمبر 2014 تي آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي حملي وارو واقعو ڏکوئيندڙ هيو جنهن ۾ معصوم گلن جهڙن ٻارڙن کي شهيد ڪيو ويو هن چيو ته ملڪ دشمنن معصوم ٻارن کي نشانو بڻايو پر پاڪستاني ٻارن دشمن جي خوف ۾ اچڻ بدران تعليم جي ذريعي ملڪ دشمنن کي ڀرپور جواب ڏيندي ٻڌايو ته هو اهڙن واقعن کان ڊڄڻ بدران پنهنجي تعليم جاري رکي ملڪ جي خدمت ڪندا

بقايا سنڌيار 17

راشد ڪوسو، عادل سومرو، فرحت الله سولنگي، علي محمد ڏيپر، ياسين ڀير، ۽عرفان علي سميت هنن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جا والدين غريب آهن برسات، ٻوڏ سبب اسان جا فصل گهر ڊهي پٽ پئجي ويا آهن اسان جو مطالبو آهي ته بورڊ پاران مقرر ڪيل نائين ڪلاس جي 1100 ۽ ڏهين ڪلاس 2600 روپيه فيس ختم ڪئي وڃي .وڌيڪ هنن چيو ته خدا جي واسطي اسان مسڪينن کان تعليم جو زيور نه کسيو وڃي ۽ اپ ڌاريندڙ نعرا هنيان .ڳريون فيون نامنظور ،ڳريون فيون نامنظور ،تعليم جو حق ڏيو ،غريبن کان تعليم نه کسيو

بقايا سنڌيار 18

ڪيو نيائين پڻ سندن ڀرپور ساٿ ڏنو ٻارڙن اخلاقي دائري ۾ رهي ڪري چونڊيل نمائندن ۽ تعليم کاتي جي آفيسرن جو ڌيان ڇڪائيندي چيو ته اوهان اسان کي ٿوري دير لاءِ پنهنجا ٻچا سمجهي هڪ ڀيرو اسڪول ۾ پڙهندي ڏسي وڃو جنهن تي پڪ آهي ته اوهان کي ضرور احساس ٿيندو ته اسين ڪهڙي عذاب ۾ آهيون ٻارڙن اهو به ٻڌايو ته اسان جي اسڪول ۾ ٻه ڪمرا منظور ڪيا ويا جيڪو ٺيڪيدار ڊي پي سي ڪري ڪم اڌ ۾ رلائي وري نه موٽيو آ جنهنجي پڻ ڳولا ڪرڻ گهرجي اسڪول جي استاد قربان علي ٻنڀڻ ٻڌايو ته سندس ڇهه سال اڳ هن اسڪول ۾ مقرري ٿي اسڪول فرنيچر سميت ڪمرن جي ڪوٽ سميت ٻين سهولتن کان محروم آهي جنهنجون شڪايتون ڪئي ڀيرا ڪيون ويون پر ڪو ٻڌڻ وارو ناهي هن اهو به ٻڌايو ته آس پاس جا اسڪول بند هئڻ يا سندن مالڪي نه هئڻ ڪري اتي جي ڳوٺن جا ٻار به اسان جي اسڪولن ۾ اچن ٿا جنهن ڪري اسڪول ۾ ويهڻ جي جاءِ ناهي ڪمرا ۽ ورانڊا ڀريل هئڻ سبب ٻارڙا ٻاهر اگر تي ٿڌهڻ اس ۾ پڙهڻ تي مجبور آهن جيڪو ٻارڙن سان سراسر ظلم آهي هوڏانهن مائٽ غربت سبب ٻارڙن کي نجي اسڪولن ۾ موڪلڻ بجاءِ سرڪاري اسڪولن ڏانهن موڪلي رهيا آهن پر ٻار پڙهائيءَ بجاءِ بيمارين ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن مائٽن ۽ استادن وس وارن کان گهر ڪئي آهي ته ٻارڙن تي رحم ڪيو وڃي اسڪول جي استادن ۽ ٻارڙن ٻڌايو ته ڇهه مهينا اڳ ايم پي اي غلام قادر چانڊيو اسڪول آيو هوجيڪو اکين سان سموري صورتحال ڏٺي ۽ سڀ مسئلا جلد حل ڪرڻ جي پڪ ڏياري پر سائين جن به عام رواجي ماڻهن جيان وري پوئتي نهاري نه ڏٺو اسين روز واٽون تڪيندا آهيون من ڪٿان ظاهر ٿئي.

بقايا سنڌيار 19

انسان دوست سوشل آرگنائيزيشن جي چيئرمين عبدالجبار. استاد بشير احمد لنڊ. پريس ڪلب صدرحسين بخش ڪهر. PZBO سيٺارجا جي چيئرمين سجاد علي ڪهر،عاشق حسين. صحافي علي گل ڪهر، حنيف رضا لنڊ. ارباب علي سهتو، اطهر سهتو،ڪاشف لنڊ. ارشد جاگيراڻي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سانحه آرمي پبلڪ اسڪول دهشتگردي جي سموري دنيا مذمت ڪري ٿي دهشت گردن معصوم شاگردن، شاگرديائين ۽ استادن تي حملو ڪري تعليم تي وار ڪيو پران جي مقابلي ۾ سموري ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ قلم ۽ ڪتاب کڻي لکين ٻارڙا ميدان ۾ اچي ويا ملڪ دشمنن جا ارادا خاڪ ٿي ويا هن چيو ته تعليم جي شمع هر هنڌ وستي واهڻ ۾ روشن ڪري شهيدن جي قربانين کي ياد رکيو ويندو اسين دهشت گردي جو مقابلو ڪتاب ۽ قلم سان ڪندا سين

بقايا سنڌيار 20

جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول ڊاڪٽر فهد مير سهتو جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس جي آفيسرن ملازمن عبدالخالق ملاح، جبران جهتيال، علي شيرجهتيال، لياقت سومرو ۽ ٻين ڊي آفيس کان جاتي روڊ تائين ريلي ڪڍي ۽ آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي شهيد شاگردن ۽ استادن کي سلام پيش ڪيو ۽ مغفرت لاءِ دعا گهري. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر فهد ميرسهتو چيو ته 16 ڊسمبر تي پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول ۾ ٿيندڙ افسوس ناڪ واقعي جو درد پاڪستانين جي دلين ۾ زنده آهي هن سانحي کان پوءِ پوري قوم متحد ٿي پاڪ فوج جي جوانن آپريشن ضرب عضب ۽ آپريشن رد الفساد جي ذريعي دشمن دهشت گردن جو ۽ دهشتگردي جو خاتمو آندو ۽ پاڪستان ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو اڄ اسين پشاور سانحي جي شهيدن کي سلام پيش ڪيون ٿا.

بقايا سنڌيار 21

پاران شهداء آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي ياد ۾ ڏهاڙو ملهايو ويو ان موقعي تي آرمي پبلڪ اسڪول جي معصوم شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ شاگردن پاران شهيدن جي تصويرن آڏو گل نڇاور ڪري ميڻ بتيون ۽ ڏيئا ٻاري ڀيٽا پيش ڪئي وئي جڏهن ته ان موقعي تي سيد عابد علي شاهه ۽ سيد ساجد علي شاهه بخاري ڳالهائيندي چيو ته 16 ڊسمبر 2014 تي آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي حملي وارو واقعو ڏکوئيندڙ هيو جنهن ۾ معصوم گلن جهڙن ٻارڙن کي شهيد ڪيو ويو هن چيو ته ملڪ دشمنن معصوم ٻارن کي نشانو بڻايو پر پاڪستاني ٻارن دشمن جي خوف ۾ اچڻ بدران تعليم جي ذريعي ملڪ دشمنن کي ڀرپور جواب ڏيندي ٻڌايو ته هو اهڙن واقعن کان ڊڄڻ بدران پنهنجي تعليم جاري رکي ملڪ جي خدمت ڪندا

بقايا سنڌيار 22

قبرستان ۾ سڄي شهر جو گندو پاڻي داخل ٿيڻ سبب ڪيترين ئي قبرون گندي پاڻي هيٺ اچي ويون قبرستان کي چارديواري نه هئڻ ۽ صفائي سٿرائي نه هئڻ ڪري ڪندر بڻجي ويو قبضا گروپ به سرگرم چونڊيل نمائندن سان گڏ سرڪاري عملي به قديمي قبرستان کي وساري ڇڏيو قبرستان ۾ دفن پنهنجي پيارن جا وارث پريشان پرياسي جي ماڻهن قبرستان ۾ ڪچهرو اڇلائڻ سان گڏوگڏ گٽرن جو پاڻي به ڇوڙ ڪرڻ لڳا گٽرن جو پاڻي قبرستان اندر داخل ٿيڻ سبب ڪچيون قبرون زمين هيٺ اچي ويون پر ۾ واهندڙ گندو گٽر جي نالي سبب زمين ۾ سر ٿي ويو جنهن سبب وڌيڪ قبرستان تباهي جي ور چڙهي ويو شهرين توڙي سماجي اڳواڻن پاران محمد پناهه قبرستان کي بچائڻ لاءِ بااعلي آفيسرن کان مطالبو ڪيو آهي

بقايا سنڌيار 23

جي اڳواڻن. قومي عوامي تحريڪ. ڌرتيءَ ڌڻيءَ تحريڪ. پاسبان ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ. جسقم آريسر. جسقم رياض چانڊيو گروپ. سولنگي برادريءَ سميت مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري مورو باءِ پاس کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف هنڌن کان ٿيندي مورو پريس ڪلب اڳيان پهتي جتي نعري بازي ڪئي وئي، مظاهري جي اڳواڻي خان محمد سومرو، شمن سولنگي، شاهنواز پٽي، افشند سولنگي، عبدالوحيد چانڊيو، نذر علي مغيري، محمد حيات مغيري، ابرار مورائي پرويز سنڌي شمن سولنگي نازن عالماڻي سينگار چانڊيو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا.جڏهن ت اڳواڻن ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو ت مورو توڙي سنڌ جون سموريون اسپتال موت جو مرڪز بڻيل آهن سرڪار طرفان غريب عوام لاءِ آيل سموريون دوايون پرائيوٽ اسٽورن تي وڪرو ٿيون ٿيون هنن چيو ت ڊي ايڇ او نوشهرو فيروز ۽ ايم ايس مورو ڪرپشن جي ايتري ت باهه گرم ڪري ڇڏي آهي جو هڪڙي سرنج ب پيسن تي وڪڻي پوي ٿي اگر ڪو غريب ماڻهون علاج لاءِ اچي ٿو ت اهو تڙپي تڙپي لاوارثن وانگر موت جي ننڊ سمهي ٿو هنن اعلي عدالتن کان مطالبو ڪيو آهي ت سو موٽو نوٽيس وٺي اسپتال عملي مٿان ماهنور سولنگي جي قتل جو ڪيس داخل ڪيو وڃي ت جيئن اڳتي لاءِ وري ڪا سنڌ جي نياڻي ماهنور ايئن لاوارثي ۽ لاپرواهي جي سبب موت جي ننڊ ن سمهي

بقايا سنڌيار 24

رڪشا ڊرائيور اصغر خاصخيلي لڇمڻ ڪولهي راڻا راجپوت سميت شهرين شرڪت ڪيي ٻي پاسي صحافين پاران ميڻ بتيون ٻاري شهيد ٿيندڙ معصوم ٻارن کي پڻ ڀيٽا پيش ڪيي ويي ان موقعي تي پريس ڪلب ڪوٽ غلام محمد، عوامي پريس ڪلب ،نيشنل پريس ڪلب جي صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪيي تقريب جي شروعات ڪلام پاڪ سان ڪيي ويي

بقايا سنڌيار 25

.حاجي پٽ ٻهارو مگڻهار ۽ ٻيا شامل زخمين جي حالت ڳنڀير جوڳي ٻڌائي پئي وڃي ڪي اين شاهه کان دادو اينڊ ٽريڪٽر ٽراليون هڪ ٻئي کي اوور ٽيڪ ڪندي حادثو پيش آيو

بقايا سنڌيار 26

۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي بعد نماز جمع گئس ڪمپني جي خلاف احتجاجي مظاهرو، سومر تائين مسئلو حل نه ٿيو ته گئس ڪمپني جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو ، عبدالستار برفت تفصيل موجب ،گڏاپ جي سهراب ٽائون جي مختلف وسندين لاسي ڳوٺ ،خدابخش ڳوٺ ،برفت محله ،احمد جمال،ايوب ڳوٺ صيفل ڳوٺ ،نورخان ڳوٺ سميت ڪيترين وسندين ۾ گذريل ٽن مهينن کان گئس جي هڙتاڙو لوڊشيڊنگ ۽ مزڪوره آبادين ڏانهن گئس جو پريشر گهٽ ڪري انڊسٽل ايريا ۾ ڪارخانن جي مالڪ کان وڏي رشوت وٺي گئس جو پريشروڌائي ڏيڻ خلاف جماعت اسلامي پاران ،ناظم علائقه سهراب ڳوٺ ٽائون فيصل جميل ،عبدالستار برفت ،محمد ارشد احمد،علي بابا پنهور، گل حسن پنهور،غلام سرور پنهور، مبارڪ برفت،نعمان جدون ،مصفياج الدين ،ممتاز ٿنيو،شاهد الله ،نبي بخش برفت ۽ ٻين علائقه معززين ۽ ٻين زميوارن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي لاسي ڳوٺ جي جمع بازار ڀرسان گئس ڪمپني سخت نعريبازي ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي ڳالهائيندي هنن چيو ته گئس ڪمپني جي نااهلي سبب گذريل ٽن مهينن کان گئس بند آهي هڙتاڙو خلق خدا پريشان آهي هنن چيو ته سومر تائين مزڪوره وسندين جو مسئلو حل نه ٿيو ته گئس ڪمپني جي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو ويندو ۽ گئس جي فراهم يقين بنائڻ تائين احتجاج جاري رکيو ويندو.

بقايا سنڌيار 27

پروجيڪٽس تي ٽيبلوز پيش ڪرڻ تي حوصلاافزائي ڪئي .اسڪول انتظاميا جي ميڊم فوزيه رشيد ،ميڊم خالده ٽيبو پاران ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ميرپورخاص دلدار حسين جلباڻي ۽ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو .جڏهن ته پرنسپال فوزيه رشيد پاران ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ميرپورخاص دلدار حسين جلباڻي کي شيلڊ پيش ڪئي وئي .جڏهن ته ڊائريڪٽر ايجوڪيشن ميرپورخاص دلدار حسين جلباڻي پاران بهترين 7 روزه فيسٽيول ڪرائڻ تي شيلڊ پيش ڪئي .آخر ۾ سانحه پشاور جي شهيد شاگردن جي ياد ۾ پنج منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 28

جي ڊفرنس جو بل ڪرائڻ لاءِ لکين روپيه رشوت وٺي 238 ليڊي هيلٿ ورڪرس جو بل ڪري ورتو باقي ٻين جو ماهوار پيرول هلڻ تي هر مهيني جي رشوت طئه ڪري ورتي آهي ذريعن موجب هن راشي ۽ ڪرپٽ آڊيٽر انيس سيهڙ کي هيلٿ کاتي جو هڪ ملازم چونوهٽي ويو جنهن ڪيس کي ٻه لک روپيه رشوت جا ايڊوانس ۾ ڏنا باقي ٽي لک روپيا نه ڏيڻ تي آڊيٽر انيس سيهڙ ڪجهه ٽائيم لاءِ پريشان ٿي ويو چو ته هن مليل رشوت جي پئسن مان اي ڊي او غلام رسول مگسي سميت ٻين ملازمن کي ورهائي ڏنا باقي پاڻ انهن رشوت جي پئسن جو انتظار ڪندو رهيو جيڪي ڪيس ملڻا هيا ذريعن موجب هي ڪرپٽ آڊيٽر انيس سيهڙ پاڻ کي پ پ جي اڳوڻي صوبائي وزير ضياءَ الحسن لنجار جو خاص ماڻهو سڏائي ٿو ۽ ان جي نالي تي ڪرپشن ۽ رشوت خوري ڪري ڪارو ناڻو ڪمائي رهيو آهي هتان جي ساجاهه وند ڏرين هن راشي ۽ ڪرپٽ خزاني واري آفيس جي آڊيٽر انيس سيهڙ جي ڪيل رشوت خوري توڙي ڪرپشن جي جاچ ايف آءِ اي ، نيب ۽ اينٽي ڪرپشن سميت اڪائونٽنٽ جنرل کان ڪري ڪيس هٿائڻ جي گهر ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 29

جي قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد اياز علي شاهه شيرازي جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن ۽ ٻين مختلف معاملن جو جائزو وٺڻ بابت ڊپٽي ڪمشنر آفيس سجاول ۾ اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري محمد صديق ميمڻ. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ڪريم بخش زنئور. اسسٽنٽ ڪمشنر فهد مير. ايڪسين پبلڪ هيلٿ. هاءِ وي. بلڊنگس. ايريگيشن. ايجوڪيشن ورڪس ۽ ايڪسين ڪوسٽل هاءِ وي کان علاوه سجاول. بٺورو ۽ ڏڙو جي ٽائون آفيسرن. اين آر ايس پي ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سيد اياز علي شاهه شيرازي ضلعي ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن جي سُست رفتاري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي سمورن انجنيئرن کي سختي سان هدايت ڪئي ته تيل ۽ گئس ۽ اي ڊي پي سميت سمورن هلندڙ منصوبن کي معيار سان گڏ مقرر وقت تي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. هن چيو ته سجاول. ميرپور بٺورو ۽ ڏڙو سميت سمورن شهرن ۾ صفائي سٿرائي ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. هن ايڪسين پبلڪ هيلٿ کي پڻ هدايت ڪئي ته سجاول شهر ۾ لڳل فلٽر پلانٽ کي فوري طور تي فنڪشنل ڪيو وڃي ته جيئن ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ٿي سگهي. ان کان اڳ سمورن لاڳاپيل انجنيئرن ۽ ٻين آفيسرن سجاول ضلعي ۾ جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي ۽ مسئلن بابت بريفنگ پڻ ڏني.

بقايا سنڌيار 30

ٽورنامينٽ ۾ 6 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن جن ۾ ڪولاب جيبل ڪنگز. اسٽارز اليون. شاهين اليون. پٽايي اليون . علي قلندر اليون ۽ يونايٽيڊ اليون شامل آهن ٽورنامينٽ جو پهرين رايوڊ ميچ ڪولاب جيبل اسٽارز ۽ ڪولاب جيبل پٽايي وچ ۾ کيڏيو ويو ڪولاب جيبل پٽايي ٽاس کٽي پهريان بيٽنگ ڪندي 9 اوورن ۾ 116 رنسون اسڪور ڪري ڪيو جنهن جي جواب ۾ ڪولاب جيبل اسٽارز 8 اوورن ۾ مليل حدف پورو ڪري ٽورنامينٽ جي پهرين فتح پنهنجي نالي ڪري ورتي بهترين راند پيش ڪرڻ تي مين آف دي ميچ ڪولاب جيبل آسٽارز جي ڪپتان ميان غلام حسين سهتو بڻجي ويو جنهن 18 بالن تي 50 رنسون اسڪور ٺاهي پنهنجي ٽيم کي پهرين ڪاميابي ڏياري

بقايا سنڌيار 31

ڪري ڪروڙ پتي ٿي ويا آهن اعليٰ اختيار نوٽيس وٺن. مسمات رضوانه تفصيل موجب ملير جي شاهه لطيف ٽائون ۾ اسٽيٽ بروڪر پوليس جي سرپرستي هيٺ پلاٽن ۽ گهرن تي قبضا ڪرڻ لڳا علائقه پوليس ۽ ايم ڊي اي عملدارن جي ملي ڀڳت سبب غريب پورهيت ماڻهن لاءِ نوگو ايريا بڻجي ويو رابطو ڪرڻ تي ميڊم رضوانه ٻڌايو ته چار سال اڳ شاهه لطيف ٽائون سيڪٽر 21 اي ۾ پلاٽ نمبر آر 145 خريد ڪيم جنهن تي ٻه لک کان وڌيڪ خرچ ڪري ڊي پي سي لڳرائي اوچتو خبر پئي ته پوليس تي شاهه لطيف ٿاڻي جو پولس اهلڪار جهانگير، اسٽيٽ بروڪر نوبت خان، واجد بلوچ، اياز مگسي، نديم ڪالا عرف ڊالر نالي ماڻهن قبضو ڪري ڇڏيو آهي جيڪو غيرقانوني عمل آهي هن چيو ته علائقه پوليس ۽ ايم ڊي اي عملدارن سميت ڪوبه ادارو پنهنجو فرض نڀائڻ لاءِ تيار ناهي ائين لڳي ٿو سچو علائقو نوگو ايريا بڻيل آهي قانون انصاف ۽ ڪٿي نظر ٿي نٿو اچي هن وزير اعليٰ سنڌ آئي جي سنڌ ڊي جي رينجرس ايس ايس پي ملير سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته پلاٽ تان قبضو ختم ڪرائي پوليس اهلڪار سميت چاٽايل ماڻهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 32

چيو ته 16 ڊسمبر پاڪستان جو اهو ڪارو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن تي امڙين جون جهوليون خالي ڪري پيئرن کان پاٿر کسيا ويا ۽ ڀيڻن کان سندن دلن جا ٽڪرا الڳ ڪيا ويا. ملڪ جي رهزن دهشتگردن آرمي پبلڪ اسڪول تي حملو ڪري ڪين شهيد ڪيو ويو هنن چيو ته اسان ڪڏهن به انهن گلڙن جهڙن پيارن معصوم ٻارڙن کي نه وساريندا سين، جڏهن ته شهيد مرندا نه آهن. اهي شهيد اڄ به اسان جي دلين ۾ زنده آهن. جيڪي جنت جا گل هئا ۽ جنت ڏانهن هليا ويا آهن. ان موقعي تي پاڪستان پيٽرياٽڪ موومينٽ زنده آباد آرگنائيزيشن جو وائيس چيئرمين نظر حسين. راجا منير جتوئي. ايڊووڪيٽ طارق نعيم اعوان. ايڊووڪيٽ بهادر شاهاڻي. ايڊووڪيٽ اسد الله ٻرڙو. ياسر هليو. عمران ميمڻ. عمران علي. خان بليدي. عبدالستار جتوئي. فيروز. رياض. ذيشان ڪوڪر سميت ڪيترائي معصوم ٻارڙا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 33

سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ صفدر سومرو سميت مختلف کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ماجد حميد ۽ ٻين مقررين خطاب ڪندي چيو ته ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن موجب ضلعي انتظاميه پاران ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن کي مڪمل تعاون فراهم ڪيو پيو وڃي ته جيئن عوام جي فلاح و بهبود وارن ڪمن کي فروغ ملي سگهي. انهن هينڊز جي ڪمن جي واکاڻ به پڻ ڪئي. تقريب دوران هينڊز جي موسي جمالي پاران تازو رٽائرڊ ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ سردار احمد گڏاڻي جي ڀرپور تعاون ۽ مسلسل ڪوآرڊينيشن جي پڻ تعريف ڪئي ان کان اي ڊي سي ماجد حميد ۽ ٻين آفيسرن کي سوونيئر ۽ عملي جي ماڻهن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ پڻ نا واڌانا ويا.

بقايا سنڌيار 34

ڪرڻ واري فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏيئي ڪالا ڪان واٽر سپلائي جو انتظام بيهر ميونسپل ڪميٽي بدين جي حوالي ڪيو ويو آهي فيصلي موجب هاڻ ميونسپل ڪميٽيون ٽائون ڪميٽيون يونين ڪائونسلون عوام کي پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪنديون ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب ميونسپل ڪميٽيءَ پبلڪ هيلٿ کاتي جي اختيارين ۾ ان سلسلي ۾ سخت اختلاف هلندڙ آهن ميونسپل ڪميٽي جي اختيارين جو چوڻ آهي ته پبلڪ هيلٿ کاتي چارج وٺڻ مهل جيڪو سامان چارج ۾ ورتو هو اهو سامان واپس وٺڻ ڪانسواءِ واٽر سپلائي جي چارج نه ورتي ويندي جڏهن ته ٻنهين کاتن ۾ اختلافن جي ڪري شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۾ رنڊڪون درپيش اچي رهيون آهن ان سلسلي ۾ شهرين گل هنگورجو رفيق احمد عمراڻي لالا شهزاد ۽ ٻين چيو ته بدين ۾ واٽر سپلائي جو نظام مڪمل طور تي تباهه آهي هر هنڌ لائنون ٽٽل آهن هتي ايماندار اسٽاف مقرر ڪرڻ بدران ڪوڙن ووچرن تي بل ٺاهي ميونسپل جي اصل مالڪن جو پيٽ ڀريندڙن کي انچارج ڪيو وڃي ٿو جنهن جي ڪري شهري هر وقت پاڻي لاءِ پريشان رهن ٿا هن وقت سڄو نظام وال مين هلائي رهيا آهن جيڪي فرمائشي پاڻن کي پاڻي ڏين ٿا جڏهن ته شهر جا اڪثر علائقا پيئڻ جي پاڻي واري سهولت کان محروم آهن هنن وڏي وزير کان مطالبو ڪيو ته اڍائي ڪروڙ ماهوار آمدني هئڻ باوجود شهرين کي پيئڻ جو پاڻي نه ڏيندڙ ميونسپل ڪميٽي بدين ۾ بدترين ڪرپشن جي سيشن جج جي نگراني ۾ جڊيشل ڪميشن جوڙي جانچ ڪئي وڃي ته ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ۾ ڪيترائي معتبر سڏجندڙ اڳواڻن جا هٿ بدترين ڪرپشن ۾ ڀريل نظر ايندا

بقايا سنڌيار 35

آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي ياد ۾ ڏهاڙو ملهايو ويو ان موقعي تي آرمي پبلڪ اسڪول جي معصوم شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ڪرائي وئي ۽ شاگردن پاران شهيدن جي تصويرن آڏو گل نڇاور ڪري ميڻ بتيون ۽ ڏيئا ٻاري ڀيٽا پيش ڪئي وئي جڏهن ته شاگردن ۾ تقريرن جا مقابلا پڻ ڪرايا ويا ان موقعي تي مبشر اسڪول آف ايڪسيلينس جي مينيجنگ ڊائريڪٽر ظهير احمد عباسي ڳالهائيندي چيو ته 16 ڊسمبر 2014 تي آرمي پبلڪ اسڪول پشاور تي حملي وارو واقعو ڏکوئيندڙ هيو جنهن ۾ معصوم گلن جهڙن ٻارڙن کي شهيد ڪيو ويو هن چيو ته ملڪ دشمنن معصوم ٻارن کي نشانو بڻايو پر پاڪستاني ٻارن دشمن جي خوف ۾ اچڻ بدران تعليم جي ذريعي ملڪ دشمنن کي ڀرپور جواب ڏيندي ٻڌايو ته هو اهڙن واقعن کان ڊڄڻ بدران پنهنجي تعليم جاري رکي ملڪ جي خدمت ڪندا

بقايا سنڌيار 36

ٻجا برادري پاران زمين تي قبضو ڪرڻ ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين تلسي بجاڻي خادم مگڻهار ۽ ٻين ميڊيا اڳيا داهيندي چيو ته اسان کي هتي زمين تي پنجاهه سال ٿي ويا آهن هاريپو ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذر ڪندا آهيون پر اسان کي ٻجا برادري جا ماڻهون ڪنهن بااثر جي چرچ تي اسان جي زمين تي ڪم نٿا ڪرڻ ڏين زمين تي ڪٽڪ جي آبادي لڳائڻ لاءِ زمين تي وياسين ته اتي هٿيار ۽ ڪهاڙيون کڻي اچي ڌمڪيون ڏنيون ۽ زمين کي آباد ڪرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏنيون آهين اسان اهڙي اطلاع اسان جي زميندار کي پڻ ڏيندا پيا اچون ۽ ترجي هر نيڪ ماڻهون وٽ وڃي ٻجا برادري جي ماڻهن جون شڪايتون به ڏيندا پيا اچون جڏهن ته هاڻ ايتري قدر جو موت مار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته هاڻ هن زمين تان لڏي وڃو نا ته توهان جي گهرن کي باهيون ڏينداسين اسان زمينن ۾ جيڪا به آبادي لڳايون ٿا ان آبادي کي نقصان رسائڻ لاءِ چوپايو مال ڇڏي ڏيندا آهين جيڪو اسان کي نقصان رسي ٿوجڏهن ته اسان ڊيزل وٽي ٽيوب ويل هلائي زمين تي پاڻي هلايوسين ته ٻجا برادري جا ماڻهون هٿيار ۽ لٺيون کڻي زمين ڪاهڻ تان منع ڪري ڇڏيو آهي وڌيڪ هنن چيو ته اسان کي هلندڙ ڪيس بااثر جي چرچ تي هٿ ڪٽڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهين اسان بي يارو مددگار پنهنجي زرعي زمين تي ويٺا آهيون هڪ پاسي اسان جي روزي آهي ٻي پاسي زمين جي سار سنڀال اسان جي زميواري آهي زميندار اسان وٽ چوي ڪلاڪ ته گڏ ناهي هوندو جيڪو اسان جي هر وقت سار اچي لهي اسان چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ اعلي اختيارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 37

جي اڳواڻن. قومي عوامي تحريڪ. ڌرتيءَ ڌڻيءَ تحريڪ. پاسبان ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ. جسقم آريسر. جسقم رياض چانڊيو گروپ. سولنگي برادريءَ سميت مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙن پاران احتجاجي مظاهرو ڪري مورو باءِ پاس کان ريلي ڪڍي وئي جيڪا مختلف هنڌن کان ٿيندي مورو پريس ڪلب اڳيان پهتي جتي نعري بازي ڪئي وئي، مظاهري جي اڳواڻي خان محمد سومرو، شمن سولنگي، شاهنواز پٽي، افشند سولنگي، عبدالوحيد چانڊيو، نذر علي مغيري، محمد حيات مغيري، ابرار مورائي پرويز سنڌي شمن سولنگي نازن عالماڻي سينگار چانڊيو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا.جڏهن ت اڳواڻن ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو ت مورو توڙي سنڌ جون سموريون اسپتال موت جو مرڪز بڻيل آهن سرڪار طرفان غريب عوام لاءِ آيل سموريون دوايون پرائيوٽ اسٽورن تي وڪرو ٿيون ٿيون هنن چيو ت ڊي ايڇ او نوشهرو فيروز ۽ ايم ايس مورو ڪرپشن جي ايتري ت باهه گرم ڪري ڇڏي آهي جو هڪڙي سرنج ب پيسن تي وڪڻي پوي ٿي اگر ڪو غريب ماڻهون علاج لاءِ اچي ٿو ت اهو تڙپي تڙپي لاوارثن وانگر موت جي ننڊ سمهي ٿو هنن اعلي عدالتن کان مطالبو ڪيو آهي ت سو موٽو نوٽيس وٺي اسپتال عملي مٿان ماهنور سولنگي جي قتل جو ڪيس داخل ڪيو وڃي ت جيئن اڳتي لاءِ وري ڪا سنڌ جي نياڻي ماهنور ايئن لاوارثي ۽ لاپرواهي جي سبب موت جي ننڊ ن سمهي

بقايا سنڌيار 38

۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي مطالبن جي حق ۾ نعريبازي ڪئي وئي. جتي ڳالهائيندي هنن چيو ته غريب مزدورن جا جائز پروموشن نٿا ڪيا وڃن. اربين روپين جي مشينري تباهه ٿي رهي آهي جنهن لاءِ فنڊ جاري ڪيا وڃن ۽ هلندڙ مشينري تي رڪوري ڪئي وڃي. آفيسر جيڪي ناجائز طور مشينون هلائي رهيا آهن انهن کي بند ڪيو وڃي ۽ جيڪي مشينون ڊويزن مان گم ڪيون ويون آهن انهن جي رڪوري ڪرائي وڃي. رٽائرڊ ملازمن کي گروپ انشورنس ڏنو وڃي. رٽائرڊ ملازمن جي اولاد کي ڪوٽا تحت نوڪريون ڏنيون وڃن. هلندڙ اسڪيم تي ورڪ چارج تي ماڻهو رکيا وڃن جن ۾ اوليت رٽائرڊ ۽ سينيئر ملازمن جي اولاد کي ڏني وڃي. ٻين ادارن جيان هاءِ ويز ملازمن جون پوسٽون اپگريڊ ڪيون وڃن هاءِ ويز ملازمن کي يوٽيلٽي الائونس ڏنو وڃي. هڪ کان 4 گريڊ جي ملازمن کي پنهنجي ضلعن ۾ مقرر ڪيو وڃي. هنن چيو ته مسلسل اسان جي مطالبن کي نظر انداز ڪيو پيو وڃي جنهن ڪري مجبور ٿي شهيدن جي مزار تي ڪين دانهن ڏيڻ لاءِ پهتا آهيون. هنن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ سگهارو ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 39

جي قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد اياز علي شاهه شيرازي جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن ۽ ٻين مختلف معاملن جو جائزو وٺڻ بابت ڊپٽي ڪمشنر آفيس سجاول ۾ اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري محمد صديق ميمڻ. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ڪريم بخش زنئور. اسسٽنٽ ڪمشنر فهد مير. ايڪسين پبلڪ هيلٿ. هاءِ وي. بلڊنگس. ايريگيشن. ايجوڪيشن ورڪس ۽ ايڪسين ڪوسٽل هاءِ وي کان علاوه سجاول. بٺورو ۽ ڏڙو جي ٽائون آفيسرن. اين آر ايس پي ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سيد اياز علي شاهه شيرازي ضلعي ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن جي سُست رفتاري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي سمورن انجنيئرن کي سختي سان هدايت ڪئي ته تيل ۽ گئس ۽ اي ڊي پي سميت سمورن هلندڙ منصوبن کي معيار سان گڏ مقرر وقت تي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. هن چيو ته سجاول. ميرپور بٺورو ۽ ڏڙو سميت سمورن شهرن ۾ صفائي سٿرائي ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. هن ايڪسين پبلڪ هيلٿ کي پڻ هدايت ڪئي ته سجاول شهر ۾ لڳل فلٽر پلانٽ کي فوري طور تي فنڪشنل ڪيو وڃي ته جيئن ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ٿي سگهي. ان کان اڳ سمورن لاڳاپيل انجنيئرن ۽ ٻين آفيسرن سجاول ضلعي ۾ جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي ۽ مسئلن بابت بريفنگ پڻ ڏني.

بقايا سنڌيار 40

جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول ڊاڪٽر فهد مير سهتو جي اڳواڻي ۾ ڊي سي آفيس جي آفيسرن ملازمن عبدالخالق ملاح. جبران جهتيال. علي شيرجهتيال. لياقت سومرو ۽ ٻين ڊي آفيس کان جاتي روڊ تائين ريلي ڪڍي ۽ آرمي پبلڪ اسڪول پشاور جي شهيد شاگردن ۽ استادن کي سلام پيش ڪيو ۽ مغفرت لاءِ دعا گهري. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر فهد ميرسهتو چيو ته 16 ڊسمبر تي پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول ۾ ٿيندڙ افسوس ناڪ واقعي جو درد پاڪستانين جي دلين ۾ زنده آهي هن سانحي کان پوءِ پوري قوم متحد ٿي پاڪ فوج جي جوانن آپريشن ضرب عضب ۽ آپريشن رد الفساد جي ذريعي دشمن دهشت گردن جو ۽ دهشتگردي جو خاتمو آندو ۽ پاڪستان ۾ امن قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو اڄ اسين پشاور سانحي جي شهيدن کي سلام پيش ڪيون ٿا.

ڪراچي نيبرهوڊ امپرومينٽ پروجيڪٽ
(پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ)
پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ

دلچسپيءَ جي اظهار جي دعوت (REOI)-
ڪنسلٽنٽس جي چونڊ

ملڪ جو نالو: اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان
پروجيڪٽ: ڪراچي نيبرهوڊ امپروومينٽ پروجيڪٽ (KNIP)
رفرنس نمبر: PK_KNIP_323695_CS_CQS
ٽائٽل جي اسائنمينٽ: "سوشيو ايڪانامڪس سروي فار ڪچي آباديز ڪراچي"
تاريخ: 15 ڊسمبر 2022

1. سنڌ حڪومت ڪي اي اي ڊي، حڪومت پاڪستان جي ذريعي انٽرنيشنل ڊولپمينٽ ايسوسيئيشن کان ڪريڊٽ مليو آهي ۽ ڪريڊٽ جي آمدني جو حصو ڪراچي نيبرهوڊ امپروومينٽ پروجيڪٽ (KNIP) جي ڪنسلٽنٽنگ سروس حاصل ڪرڻ جي ادائيگي لاءِ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي.
2. پروجيڪٽ هيٺ گهربل ڪنسلٽنگ سروسز نالي "سوشيو ايڪانامڪس سروي آف ڪچي آباديز ڪراچي" (دي سروسز) ٽرمز آف ريفرنس ۾ جاٽايل ڪم جي اسڪوپ پر محدود نه جي لاءِ هوندي.
3. هن ڪنسلٽنسي سروس جي لاءِ ٽرمز آف ريفرنس اسان جي ويب سائيٽ www.knip.gos.pk تي موجود آهن يا اي ميل ذريعي گهري سگهجن ٿا.
4. پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ، ڪراچي نيبرهوڊ امپروومينٽ پروجيڪٽ، پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ هاڻي گهربل سروسزجي فراهمي جي لاءِ ڪنسلٽنگ فرمن کان سندن دلچسپي جا اظهار گهرائي ٿي، خواهشمند ڪنسلٽنٽس/تعليمي يا ريسرچ انسٽيٽيوشنز سروسزجاڻ فراهم ڪن ته انهن پرفارم ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي قابليت ۽ لاڳاپيل تجربو حاصل ڪيو آهي. شارٽ لسٽ ڪرڻ جو معيار ٽرمز آف ريفرنس ۾ جاٽايل آهي.
5. هن اسائنمينٽ جو ڪم ٽائيم فريم 3 مهينا آهي. سروسز کي جنوري 2023 کان شروع ڪرڻ جي اميد ڪجي ٿي.
6. خواهشمند ڪنسلٽنٽس/تعليمي يا ريسرچ انسٽيٽيوشنزجو ڌيان ورلڊ بينڪ جي پروڪيورمينٽ ريگيوليشن فارم آءِ پي ايف بورورٽرز آف جولاءِ 2016 (ترميم ٿيل نومبر 2017، آگسٽ 2018 ۽ نومبر 2020) مفادن جي ٽڪراءَ تي ورلڊ بينڪ جي پالسي جي ڪلاز 3.16 ۽ 3.17 سيڪشن III ڏانهن ڏيارجي ٿو.
7. هڪ ڪنسلٽنٽ ورلڊ بينڪ جي پروڪيورمينٽ ريگيوليشن فارم آءِ پي ايف بورورٽرز آف جولاءِ 2016 (ترميم ٿيل نومبر 2017، آگسٽ 2018 ۽ نومبر 2020) ۾ ڏنل ڪنسلٽنٽس ڪواليفڪيشن بيسڊ سليڪشن (CQS) جي مطابق چونڊيو ويندو.
8. وڌيڪ معلومات هيٺ ڏنل پتي تي آفيس وقت دوران حاصل ڪري سگهجي ٿي.
9. سمورن لاڳاپيل دستاويزن ۽ قابليت جي ثبوت سان دلچسپيءَ جا اظهار هيٺ ڏنل ايڊريس تي (ذاتي طور يا ڪوريئر ذريعي) 3 جنوري، 2023 تائين لکت واري شڪل ۾ پهچڻ گهرجن.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر

ڪراچي نيبرهوڊ امپروومينٽ پروجيڪٽ (KNIP)، پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ (PIU)،
پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ (P&D) ڊپارٽمينٽ، حڪومتِ سنڌ
بنگلو نمبر سي 49، بلاڪ 2، اسڪيم نمبر 5، ڪلفٽن ڪراچي
ٽيليفون: 8_35173006_021_92
اي ميل: pdknip@knip.gos.pk,
procurement@knip.gos.pk

INF/KRY No: 4720/22

SAY NO TO CORRUPTION WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ ته .... وڌندي سنڌ